# سِڪ جو سمونڊ

علي محمد مجروح

سنڌي ادبي بورڊ
جام شورو / حيدرآباد
١٤١٢ھ / ١٩٩٢ع

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# سِڪ جو سمونڊ

(شاعريءَ جو مجموعو)

علي محمد مجروح

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو/حيدرآباد
١٤١٣/١٩٩٣ع

چاپو پهريون سال ۱۹۹۳ع تعداد هڪ هزار

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قيمت: سٺ روپيا

**PRICE RS: 60–00**

ملڻ جو هنڌ

سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(جنرل پوسٽ باڪس نمبر ١٢)

ڪمپوزنگ ۽ ٽائيٽل آزاد ڪميونيڪشن ڪراچي

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پريس ڄام شورو ۾ مئنيجر جاويد مرزا ڇپيو ۽ شمشيرالحيدري سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

جيڪو گلن کي رنگ ۽ خوشبو عطا ڪري
مجروح اُنَ جي نانءُ سان ٿو ابتدا ڪري

# انتساب

پنهنجي جيجل ماءُ جي نالي، جنهن جي
منٺڙي لولين منهنجي سخن کي سڪ
جي سونهن بخشي آهي.

علي محمد مجروح

# فهرست


| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| ١ـ | چپائيندڙ پاران | ٩ـ ١٠ |
| ٢ـ | رنگ خوشبوءِ روشنيءَ جو شاعر | ١١ـ ٢٤ |
| ٣ـ | محبتي مجروح | ٢٥ـ ٢٨ |
| ٤ـ | عرض حال | ٢٩ـ ٣٤ |
| ٥ـ | رب ڪائنات جي حضور | ٣٧ـ ٣٨ |
| ٦ـ | بارگاه رسالت ﷺ | ٣٩ |
| ٧ـ | غزل | ٤١ـ ١٣١ |
| ٨ـ | پراڻو رنگِ غزل | ١٣٣ـ ١٦٢ |
| ٩ـ | نظم | ١٦٣ـ ١٩٦ |
| ١٠ـ | مثنوي مختصر | ١٦٦ |
| ١١ـ | سمنڊ جي صدا | ١٦٧ـ ١٦٨ |
| ١٢ـ | واپار | ١٦٩ـ ١٧٠ |
| ١٣ـ | پوءِ تون مون کي ياد ڪندين | ١٧١ـ ١٧٢ |
| ١٤ـ | هڪ منشيات جي عادي (هيروئني بابت) | ١٧٣ـ ١٧٥ |
| ١٥ـ | شهرِ غم | ١٧٦ـ ١٧٧ |
| ١٦ـ | آس | ١٧٨ـ ١٧٩ |
| ١٧ـ | سوچ | ١٨٠ |
| ١٨ـ | منهنجي اکين جا ڦڙا | ١٨١ـ ١٨٢ |
| ١٩ـ | بهار | ١٨٣ |

| نمبر | عنوان | صفحو |
| --- | --- | --- |
| ٢٠ـ | قلندر | ١٨٤ |
| ٢١ـ | دوري | ١٨٥ |
| ٢٢ـ | شام | ١٨٦ |
| ٢٣ـ | هيءَ ڌرتي | ١٨٧ |
| ٢٤ـ | همتِ مردان | ١٨٨ـ١٨٩ |
| ٢٥ـ | شاهه جي حضور | ١٩٠ |
| ٢٦ـ | نذرِ شاهه | ١٩١ـ١٩٤ |
| ٢٧ـ | منهنجي وطن ۾ | ١٩٥ـ١٩٦ |
| ٢٨ـ | ڪافيون | ١٩٧ـ٢٠٦ |
| ٢٩ـ | گيت | ٢٠٧ـ٢٣٦ |
| ٣٠ـ | ساموندين جو گيت | ٢٣٧ـ٢٤٥ |
| ٣١ـ | قطعا | ٢٤٧ـ٢٥٦ |

# ڇپائيندڙ پاران

علي محمد ”مجروح“ جي ڪلام جو مجموعو ”سڪ جو سمونڊ“ توهان جي هٿن ۾ آهي.

بوند بوند (لفظ لفظ) تي اهو سڪ جو سمونڊ جُڙيو آهي. شاعريءَ لاءِ سڪ جو جذبو لازمي آهي؛ پر ان سان گڏوگڏ ٻيا لوازمات بہ لازمي آهن، جيئن: ٻولي، بحر وزن، ردم، ليءِ، آهنگ ۽ انهن سڀني ۾ ڳوهيل سوهيل معنيٰ.

”مجروح“ لاءِ رڳو اهو چوڻ تہ ”هو مشاعري جو شاعر آهي“ صحيح نہ ٿيندو. ائين برابر آهي تہ مشاعري ۾ بہ ڪنهن شاعر جي پرک ٿئي ٿي؛ ڇو تہ هو سڌو سنئون سامعين جي آڏو هوندو آهي ۽ ڪيس پنهنجي ليکي بہ اها پروڙ پئجي ويندي آهي، تہ هو ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهي! ”مجروح“ ڪراچيءَ کان جيڪب آباد تائين - مشاعرن ۾ شريڪ رهيو آهي ۽ داد بہ پاتو اٿئين؛ پر منهنجي راءِ ۾ تہ ڪنهن بہ شاعر جي اصل پرک ان جو ڇپجڻ آهي - بلڪ ان جو ڇپجندو رهڻ آهي.

”مجروح“ بنيادي طور تي غزل جو شاعر آهي ۽ جيئن ”جوش“ لکيو آهي تہ ”مجروح جو غزل روايت کان بغاوت نہ آهي، پر روايت ۽ جدت جو حسين امتزاج آهي.“ روايت مان هتي مراد غزل جي روايت آهي ۽ جدت مان مراد شايد اها آهي، تہ مجروح ان ۾ پنهنجو رنگ ڀريو آهي:

تون تہ مجروح جو ڇڻ غزل پيو لڳين
سادگي، دلڪشي، نغمگي، نازڪي

عبدالحليم "جوش" پاڻ بہ غزل جي ان روايت کي اڳتي وڌايو آهي ۽ هو "مجروح" جو ويجهو ساٿاري بہ رهيو آهي: سندس ڪيترين ڳالهين سان اختلاف ڪري سگهجي ٿو، پر "جوش" "رنگ، خوشبو ۽ روشنيءَ جو شاعر" ۾ ڪراچيءَ جي ان دور جي ڇڻ ادبي تاريخ رقم ڪئي آهي، جنهن لاءِ ڪيس جس هجي. "عرض حال" ۾ "مجروح" بہ اهڙي ئي ڪوشش ڪئي آهي.

"مجروح" ڪراچيءَ جي حوالي سان پاڻ بہ مڃيو آهي، تہ "ڪراچي مختلف زبانن جو مرڪز پئي رهيو آهي. انهيءَ ڪري هتي جي سنڌي ڳالهائيندڙن جي زبان بہ انهن اثرن کان محفوظ نہ رهي سگهي آهي." انهن اثرن ۾ اردو جو اثر ڪجهہ وڌيڪ ئي رهيو آهي. "مجروح" جي ئي لفظن ۾ تہ، "ڪي نامر ڪنيا ماڻهو ڪراچيءَ جي سنڌين کي سندن زبان ۽ لهجي جي معمولي فرق سبب سنڌي سڏڻ لاءِ بہ تيار نہ آهن." (ص ٣١)

اها "مجروح جي پنهنجي ذاتي راءِ ٿي سگهي ٿي.

بهرحال، "مجروح" جي پنهنجي لفظن ۾ هُن "حال سارو غزل جي حق ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي." (ص ٣١).

اهائي ڪوشش اسين توهان آڏو پيش ڪندي، اهو فيصلو توهان تي ٿا ڇڏيون، تہ اها ڪوشش ڪيتريقدر ڪامياب آهي!

سيد امداد حسيني
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

٢٦-٣-١٩٩٣
ڄامر شورو، سنڌ

# رنگ، خوشبو ۽ روشنيءَ
# جو شاعر

زندگي، سونهن ۾ سچائي ۽ سچائيءَ ۾ سونهن جي ڳولا جو نالو آهي. اها ڳولا، صدين کان جاري آهي ۽ صدين تائين جاري رهندي. هيءُ ٿڪائيندڙ سفر، شايد اڌورو رهجي وڃي ها، جيڪڏهن محبت جو بنيادي جذبو انساني زندگيءَ جي هر تخليقي عمل جو محرڪ نہ هجي ها.

زندگي سونهن جو سفر آهي
پيار جا پيچرا ڪٿي نہ سگهيا

شاعري بہ محبت جي انهي جذبي سان ائين معمور آهي جيئن ڪنهن ساز ۾ سنگيت لڪل هوندو آهي ۽ آواز ۾ گداز سمايل هوندو آهي. ذات کان ڪائنات تائين، سيني تجربن ۽ ڪيفيتن جو بنيادي سرچشمو زندگي آهي. جذبا ۽ احساس، رنجشون ۽ راحتون، ڏک ۽ سک، حسرتون ۽ اميدون، محروميون ۽ مجبوريون، اهي سڀ زندگي جا روپ آهن جن جي عڪاسي شاعر، پنهنجي خلوص ڀرئي انداز ۾، دلڪش لفظن جي مدد سان ڪري ٿو. ڪڏهن ڪڏهن جذبن جي اظهار لاءِ لڙڪن کي لفظن جي جاءِ وٺڻي پوندي آهي ڇو تہ دل جي ڪيفيت بيان ڪرڻ ۾ لفظ مجبور نظر ايندا آهن ڇڻ تہ متن ڪو پهرو يا ڪا پابندي هجي. شاعر، تڏهن علامتن ۽ استعارن کان ڪم وٺي، زندگيءَ جون سچايون ۽ تلخ حقيقتون، محسوس ڪرائيندا آهن.

هن پس منظر ۾ برادرم علي محمد مجروح جو ڪلام، جنهن ۾ مرصع ۽ معياري غزل، منڙا گيت ۽ دلڪش نظم شامل آهن، منهنجي اعليٰ شاعريءَ

جي تصور سان ٺهڪي اچي ٿو.

هونءَ تہ مجروح سان منهنجو لاڳاپو، ساڳئي اسڪول، ساڳين استادن، ڪراچيءَ جي ساڳي وسندي نوآباد، ساڳين دوستن ۽ ساڳئي ادبي ماحول سان آهي، پر شاعريءَ جي حوالي سان اسانجو ناتو گذريل ۴۰ ورهين کان قائم آهي.

مان جڏهن ماضيءَ جي دونهاٽيل راهہ تي ڪنڌ ورائي ڏسان ٿو تہ مونکي نوآباد جي ڪنهن هوٽل جي ڪنڊ ۾ ڪرسيءَ تي ويٺل هڪ نوجوان، نهايت خاموشيءَ سان ڪتاب پڙهندو نظر آيو. ڪڏهن جهيٽي آواز ۾ ڪو غزل پيو جهونگاريندو ۽ ڪڏهن ڪنهن سوچ ۾ محو هوندو. هيءُ هو علي محمد مجروح، جيڪو مونکي ٻين نوجوانن کان مختلف نظر آيو.

مئٽرڪ پاس ڪرڻ کانپوءِ، شاعري، تنقيد ۽ ڪهاڻين جو مطالعو منهنجو عزيز مشغلو هو. مونکي بہ سنڌي ۽ اردو شاعرن جي ڪلام پڙهڻ ۽ انهن بابت گفتگو ڪرڻ جو شوق هو جيڪو مون کي ورثي ۾ مليو هو. منهنجي والد، مرحوم عبداللّٰه عبد، جي ادبي حيثيت ڪنهن بہ تعارف جي محتاج نہ آهي. پاڻ گهر کي چڱي خاصي ڪتبخاني ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هوائون. ان ڪري منهنجو ادب ۽ شعر ڏانهن مائل ٿيڻ ڪا اچرج جي ڳالهہ نہ هئي. علي محمد مجروح ان وقت جي ادبي ماحول کان ضرور متاثر ٿيو هوندو پر تڏهن بہ فطرت سندس ادب جي راهہ تي رهنمائي ڪئي. مونکي ياد آهي تہ جڏهن اسانجي پهرين ملاقات ٿي تہ هن مونکي ڪرشن چندر جي افسانن ۽ فيض جي شاعريءَ بابت گهڻو ڪجهہ ٻڌايو. پوءِ گڏجاڻين جو اهو سلسلو جاري رهيو. گفتگو جا موضوع ادب ۽ شعر جي دائرن کان ٻاهر نہ نڪتا. آءُ سندس سخن فهمي ۽ ادبي چاڻ کان متاثر ٿيس. مونکي علي محمد مجروح ۾، اڄ کان چاليهہ سال اڳ مستقبل جو هڪ برجستو شاعر نظر آيو

هتي هن ڳالهہ جو ذڪر بہ ضروري ٿو سمجهان تہ ڪراچيءَ جي هن نئي شهر ۾، نوآباد جي وسندي، هميشہ علمي سرگرمين ۽ شعر و سخن جو سرچشمو رهي آهي، منهنجي ڏاڏي مرحوم عبدالواسع جو قائم ڪيل سنڌي اسڪول انهن علمي ۽ ادبي سرگرمين جو مرڪز هو. سال ۱۹۲۴ع کان ۱۹۴۳ع تائين منهنجو والد اسڪول جو مهتمم رهيو. هيءُ اهو سونهري دور

هو جڏهن اسڪول ۾ بهترين ادبي لائبرري هئي. انجمن روح ادب جي سهاري هيٺ، هر هفتي مشاعري جي محفل منعقد ٿيندي هئي جنهن جي پڄاڻيءَ تي تنقيدي نشست ۾ شاعر بدران شعر کي پرکيو ويندو هو ۽ هر هڪ شاعر ۽ ٻڌندڙ کي پنهنجي راءِ جي اظهار جو موقعو ملندو هو. اهڙيءَ طرح شاعرن جي اصلاح ۽ سندن ذهني تربيت به پئي ٿيندي هئي. ادبي ۽ تاريخي موضوعن تي مهيني ۾ هڪ ڀيرو تقرير جو اهتمام به ٿيندو هو. مطالعي جي سهولتن ۽ پُر لطف ادبي ماحول سبب، اسڪول ۾ موڪل ڪانپوءِ به، شاعرن ۽ ادب جي شائقن، جو ميڙو مَتل هوندو هو. سنڌي شاعر، ڪراچي ڪم سانگي ايندا هئا ته هڪ ڀيرو اسڪول جي محفل کي ضرور رونق وڌائيندا هئا. انهن بزرگن ۾، محمد هاشم مخلص، حاجي محمود خادم، نوازعلي نياز (ڊاڪٽر اياز قادري سان گڏجي لاڙڪاڻي ۾ مان ساڻن ملڻ ويس ته مونکي اسڪول ۾ ٿيل هڪ مشاعري بابت ٻڌايو هئائون) محمد صديق مسافر، محمد بخش واصف، قادر بخش حقير، محمد صالح پنٿي، محمد اسماعيل عرسباڻي، حافظ محمد احسن ۽ عبدالرحمان انجم قابل ذڪر آهن. ڪراچيءَ جي اديبن، شاعرن عالمن ۽ صحافين ۾ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مراد علي ڪاظم، محمد هارون امير، مولوي خيرمحمد نظاماڻي، مولوي عبدالغفور سيتائي ۽ ٻيا به ڪيترائي ادب دوست شريڪ ٿيندا هئا جي هينئر اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويا آهن. جهونن استادن ۽ شاعرن مان علي محمد مسڪين اڃا حيات آهن. هندو شاعرن ۾ پرسرام ضيا، ڪشنچند بيوس، ڪڏهن ڪاظم مرحوم سان گڏجي ايندا هئا. ليکراج "عزيز" جڏهن به ڪراچي ايندا هئا ته والد مرحوم سان ڪچهري ڪرڻ نوآباد واري اسڪول ۾ يا مرحوم حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي دواخاني (ڪچهري روڊ) ۾ ضرور اچي دوستن سان ملندا هئا، جتي پڻ اديبن ۽ شاعرن جي روز محفل مچندي هئي. هيءُ اهو دور هو جڏهن مرحوم نظاميءَ جي قائم ڪيل ادبي انجمن، بزمِ ادب، پنهنجي عروج تي هئي. ادبي ڪچهرين ڪانسواءِ، اُن دور جي سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ عبد مرحوم جا تنقيدي مضمون، شعر ۽ افسانا شايع ٿيندا هئا. اهڙيءَ طرح محمد هارون امير، نور محمد نماڻو ۽ علي محمد مسڪين جا غزل ۽ نظم

الوحيد ۽ اصلاح اخبار ۾ ڇپيا هئا. سنڌ جي ترجمان روزاني الوحيد جو ايڊيٽر مولوي عبدالغفور سيتائي مرحوم بہ تن ڏينهن نوآباد ۾ رهندو هو. ان ڪري نوآباد جي نئيڙي وسندي پنهنجي ادبي خدمتن سان سنڌ جي ادبي نقشي تي نمايان حيثيت والاري هئي. هن ادبي ماحول جو اثر، ١٩٥٠ع ڌاري واري دور تي بہ قائم رهيو جيڪو علي محمد مجروح ۽ ان جي هم عصر شاعرن جو دور هو.

ڪراچي جي اوائلي مشاعرن ۾ غزل ۽ نظم ٻئي مقبول صنفون هيون جن تي هندو توڙي مسلمان شاعر طبع آزمائي ڪندا هئا. غزل جا طرحي ۽ غير طرحي شاعرا ڏيندا هئا ۽ نظم لاءِ عنوان مقرر ڪيا ويندا هئا جيئن بهار وطن، مزدور، ايڪتا وغيره. سال ١٩٥١ع ڌاري واري دور ۾، طرحي مشاعرن سببان، غزل کي وڌيڪ اهميت حاصل هئي. دراصل اهو دور سڄي سنڌ ۾ غزل جو دور هو. ڪراچيءَ جي مشاعرن ۾ بہ غزل کي وڏي مقبوليت ملي. سال ١٩٥٥ع تائين غزل جو روايتي رنگ، شاعرن تي غالب رهيو. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ اهو دور، زير اضافت، لٽاڙيل مضمونن، پاروٿين فارسي تشبيهن ۽ ورجايل مضمونن جو دور هو، جنهن کان ڪراچيءَ جا سنڌي شاعر پنهنجن ٻين همعصرن وانگر اڳيا ڪين هئا.

مونکي ياد آهي تہ محمد خان سارنگ، جيڪو زودگو شاعر هو، پهريون ڀيرو مونکي سال ١٩٥٠ع جي شروعات ۾ محفل- احباب جي طرحي مشاعري ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، طرح هئي. ”باغ- طرب جا مسست نظارا هليا ويا.“

پوءِ اهي ست نظارا ڪڏهن بہ موٽي نہ آيا. هن مشاعري ۾ مرحوم نظامي بہ شرڪت ڪئي هئي. ساڳئي مهيني ۾ وري ٻئي طرحي مشاعري جي ڪوٺ آئي: طرح هئي: ”نمائش جي ٿيو قابل سڄڻ سينگار جي باعث“ انهي مشاعري ۾ شرڪت لاءِ مون علي محمد مجروح کي آماده ڪيو. اسانجي دوستن مان، ڊاڪٽر اياز قادري، محمد حسن سان، علي محمد اسير، حسين عادل (هائي جج سنڌ هاءِ ڪورٽ) عبدالعزيز بيدل، شفيع علوي، عبدالله شرر وغيره شرڪت ڪئي. محفل احباب جي ميمبرن ۾ گهڻيئي شاعر هئا جن ۾ سرشار عقيلي، امير بخش قريشي، محمد جمن هالو، علي

محمد خالدي، صوفي ساجد، محمد خان سارنگ ۽ ٻيا ڪيترا جن جي نالن سان فهرست کي طويل ڪرڻ، هن مضمون جو مقصد نہ آهي. علي محمد مجروح، هن مشاعري ۾ نهايت منٺڙي ترنم سان پنهنجو پهريون طرحي غزل پيش ڪيو جنهن جو هڪ شعر اڃا بہ ياد اٿم:

نہ ڪر تعبير قسمت سان زمانا منهنجي بربادي،
اهي ناڪاميون آهن دلِ خود دار جي باعث

غزل جي هن روايتي ماحول ۾ هيءُ هڪ نئون آواز ۽ زندگي ڏانهن نهارڻ جو هڪ نئون انداز هو. سرشار عقيلي بہ پنهنجي مخصوص انداز سان مجروح کي داد ڏنو ۽ پوءِ کيس پنهنجي شاگردن جي قطار ۾ شامل ٿيڻ جو مشورو ڏنائين. مجروح، سندس شاگرد ٿيڻ کان انڪار ڪيو پر محفل احباب جو ميمبر ٿيڻ قبول ڪيائين. ميمبر شپ جي فارم ۾ هڪ ڪالم هو جنهن ۾ استاد جو نالو لکڻ تمام ضروري هو. مجروح ان ڪالم ۾ لکيو فطرت جو شاگرد جڏهن تہ ٻين سرشار کي پنهنجو استاد ڄاڻايو ۽ اهي پوءِ "سرشاري سڏبا هئا. هن ڳالهہ ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ محفل احباب، ڪيترائي سال، ماهانہ طرحي مشاعرن جو اهتمام جاري رکيو جن ۾ اڪثر شاعرن ۽ سامعين جو وڏو انگ شريڪ ٿيندو هو. ڪيترا مشاعرا شامياني ۾ ٿيندا هئا نہ تہ اڪثر مرحوم امير بخش قريشي جي جاءِ تي ٿيندا هئا.علي محمد مجروح بہ محفل احباب جو مشاعره سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيو پر ڪڏهن بہ ذاتي فائدي لاءِ خوشامد جي راه اختيار نہ ڪيائين. اهو ئي دور هو جڏهن، بزم– طالب المولىٰ، محمد جمن هالي قائم ڪئي، بزم محراب، ادب، بيدل ۽ محمد حسين عادل جي اشتراڪ سان قائم ٿي، بزمِ ادب ڪانپوءِ مرحوم حبيب الله فڪري، بزم، نظامي قائم ڪئي ۽ مجروح ۽ ٻين دوستن جي تعاون سان مون بزم– امير (محمد هارون امير جي ياد ۾) قائم ڪئي. انهن سڀني انجمن جي سهاري هيٺ مشاعري جون محفلون سخت سياري ۾ بہ گرم رهنديو هيون. "واه واه" جون اهي محفلون آڌي رات تائين مسين مسين وڃي مقطع تائين پهچنديون هيون.

ان وقت محمد عمر ڄاموٺ هفتيوار ناخدا جي نوآباد مان اجراءَ ڪيو

جنهن کي مون ۽ علي محمد مجروح ادبي رنگ ڏنو. هن اخبار ۾ ڪراچيءَ جي ادبي ماحول ۽ مشاعرن بابت خاص تنقيدي مضمون شايع ٿيندا هئا. هن اخبار ۾ سنڌ جي مشهور شاعرن جا مضمون ۽ شعر به شايع ٿيندا هئا. علي محمد مجروح، ناخدا جي ادبي قدروقيمت کي وڌائڻ ۾ ڪافي محنت ڪئي. ساڳئي وقت، ڪراچيءَ کان برادرم لعل محمد لعل، ماهوار ادبي رسالو آفتاب جاري ڪيو جنهن جي هر پرچي ۾ والد مرحوم جو تنقيدي مضمون ضرور شايع ٿيندو هو. ڪاظم جو ڪلام به طويل خاموشيءَ کان پوءِ منظر عام تي آيو. هر نقطہ نگاه کان رسالو تعريف جوڳو هو.

هيءُ اهو دور هو جڏهن مشهور اديب ڊاڪٽر اياز قادري جي فليٽ، ٦- ڏني رام بلڊنگ (آرام باغ روڊ) تي سنڌي ادبي سنگت جا يادگار ادبي ميڙ هر جمعي تي وڏي اهتمام سان منعقد ٿيندا هئا جن ۾ سنڌ جا برک اديب شاعر ۽ افسانہ نگار شريڪ ٿيندا هئا. انهي گڏجاڻين جديد سنڌي ادب لاءِ راه هموار ڪئي. نوآباد کان مان پابنديءَ سان سنگت جي گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن مجروح به ايندو هو ۽ تاج بلوچ به اڪثر حصو وٺندو هو. ۽ جلد ئي پنهنجي ذهانت سان نامياري شاعرن ۾ شمار ٿي ويو. ادبي سنگت جو اهو ئي دور هو جڏهن سنڌي افسانو پنهنجي عروج تي پهتو. برادرم اياز قادريءَ جي بلڊنگ جي لرزندڙ ڏاڪڻ، سنڌي ادب کي عروج تائين رسايو. اڄ سڄي سنڌ ۾ سنڌي ادبي سنگت جي روشني ڦهلجي وئي آهي پر هي ڳالهه وسارڻ نہ گهرجي تہ اهو سج به ڪراچيءَ کان ئي اڀريو جنهن سنت ئي ادب جي راهن کي جرڪائي وڌو.

هھڙي ادبي ماحول مان علي محمد مجروح اڀريو ۽ ٿورن ئي سالن جي مشق ۽ محنت کانپوءِ، پنهنجي تازه گوئي، خيال ۽ انداز بيان جي ندرت ۽ ترنم جي ميناج سان سنڌ جي ادبي حلقن تي ڇانئجي ويو.

علي محمد مجروح جي شاعري بابت ڪنهن راءِ قائم ڪرڻ کان اڳ، ايترو ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان تہ مون کيس هن ميدان ۾ ايرندو ۽ اسرندو ڏٺو آهي ۽ هن آڏار تي چئي سگهان ٿو تہ مجروح پنهنجي ماحول جو ڀرپور تنقيدي شعور سان جائزو ورتو هو. هن پنهنجي ادبي لاڙن کي قافيہ پيمائي تائين محدود نہ رکيو آهي. ابتدائي غزلن کي ڇڏي، سندس ڪلام

زندگي جي تقاضائن سان هم آهنگ آهي. سندس غزل جا جيڪي بہ رنگ آهن سي سڀ زندگي جا رنگ آهن. چوتہ مجروح جي ئي لفظن ۾:

اي زندگي سدائين سرابن کي ڇا ڪبو؟
هر رات صبحِ نور جي خوابن کي ڇا ڪبو؟

ان ڪري هن شعر جي مضمونن کي، روايتي غزل جي ورجايل خيالن جو پابند نہ بڻايو پر، هن غزلن ۾ خيالن جي تازگي آندي. سوريءَ کي سينگارڻ جو عزم پيدا ڪيو ۽ زلفن جي اوٽ ۾ وقت جي حادثن جو ذڪر ڪيو.

تنهنجي زلفن جي اوٽ ۾ ها لڪل
حادثا وقت جا ٽري نہ سگهيا

شاعر بہ ٻين انسانن وانگر، هن معاشري جو هڪ فرد آهي جيڪو ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ حساس آهي. شاعر ماحول کان اثر تہ وٺندو آهي پر ماحول کي پنهنجي تنقيدي شعور سان متاثر بہ ڪندو آهي. مجروح جو شمار بہ اهڙن ئي شاعرن ۾ آهي جن پنهنجي تغزل جي شوخي، بيان جي دلسوزي ۽ خيالن جي رنگيني ۽ خوشبو سان، ڪهنہ مشق شاعرن ۽ نقادن کي بہ متاثر ڪيو.

علي محمد مجروح جو غزل، روايت کان بغاوت نہ آهي پر روايت ۽ جدت جو حسين امتزاج آهي. غزل جي مخصوص لب و لهجي کي متحرڪ ڪري، مجروح سادي پر سوادي ٻوليءَ ۾ غزل کي نوان خيال ۽ اظهار جا نوان انداز ڏنا. سندس سوچ جو دائرو ذات تائين محدود نہ آهي پر ڪائنات وانگر وسيع آهي. ڪڏهن ڪڏهن هو ذاتي صدمن ۽ روماني تجربن کي رنگ ۽ خوشبو، رات ۽ باک، لڙڪ ۽ مرڪ، حسرت ۽ مسرت، سراب ۽ خواب آس ۽ ياس، مؤجن ۽ ڪنارن، حادثن ۽ پيمانن ۽ اهڙن ٻين دلڪش اصطلاحن ۽ علامتن ۾ زندگي جي حوالي سان پيش ڪري ٿو. سندس ذات جو غم، محبوب جي بي رخي سببان سماج جو غم ٿي پوي ٿو. هو پنهنجي پيڙا کي انسانيت جي پيڙا جو حصو سمجهي پڇي ٿو؟

ڪيسين مجروح پيڙهبو ماڻهو
زندگي ظلم جو گهاٽو ڪونهي.

مجروح جي تصور جي افق تي جيڪا خيالن جي اندلٺ آهي تنهنجا حسين رنگ تہ سندس تغزل ۾ نظر اچن ٿا. هي شعر، سچي سنڌي شاعريءَ جي گلشن ۾ گلابن وانگر ٽڙندا ۽ واس ڏيندا نظر اچن ٿا:

جن جي ڏسڻ سان روح ۾ ٽڙيو پون گلاب،
اهڙا تہ رنگ چهري تي ان جي سدا هجن

◉

وارن جا وَر کلن تہ ٿئي شام شهر ۾،
رخ تان هٽن تہ صبح جا جڻ سانگ پيا لڳن

◉

اسان قرب جا قول پاري ڇڏيا
اسان زلف تنهنجا سنواري ڇڏيا

◉

سونهن جي سڪ ۾ جيئڻ آهي اسانجي زندگي
ڏينهن جو ڪرڻن جا قصا، رات ۾ تارن جا غم

◉

هي شعر تہ تغزل ۽ انداز بيان جو نادر نمونو آهن

منهنجي اڱڻ بہ آس جون مکڙيون ٽڙي پون
رستو ڪو اهڙو موجِ صبا اختيار ڪر

◉

ڪا باک جڏهن ماڪ جي موتيءَ کي چمي ٿي
هن دل ۾ تنهنجي ياد جو ڪو زخم ٽڙي ٿو

◉

دل خون ٿئي ٿي تہ وڃي رات ڪٽي ٿي
هن درد جي ڏونگر جو ڏرڻ راند تہ ناهي

مجروح، ڏکن ۽ غمن جو ذڪر ڏاڍي سليقي سان ڪيو آهي. شايد اهو ئي جذبو آهي جنهنجو اظهار خلوص ۽ سچائي کانسواءِ ممڪن نہ آهي. مجروح جو غم پنهنجي ذات جي حوالي سان هجي يا ماحول جي ناتي سان ان کي فقط سچائي جي اصطلاح ۾ ئي محسوس ڪري سگهجي ٿو.

هيءَ لڙڪ جي اکين مان بٽي آب وهن ٿا،
هڪ آگ لڳائن ٿا جڏهن دل ۾ رهن ٿا.

◉

نيڻ پرجي ٿا اچن پيمانا چلڪي ٿاپون،
ياد ٿا جنهن دم اچن ديرينہ ميخوارن جا غم.

◉

نہ ٿيندا چو سوين غم اڄ سلامي،
مان شهرِ درد جو شهزاد آهيان.

هيءُ شعر زندگيءَ جي لاهين چاڙهين کي حوصلي سان منهن ڏيڻ جي سگهہ ڏئي ٿو.

مثال تہ گهڻيئي آهن پر طوالت کان بچڻ لاءِ پنهنجي ئي مختصر انتخاب کي اجا بہ مختصر ڪريان ٿو:

اچي بهار تہ مجروح کي بہ ياد ڪجو،
انهي بہ هجر ۾ راتيون گذاريون يارو

طنز جا نشتر، نہ فقط انداز بيان کي پُر لطف بڻائين ٿا پر زندگيءَ جي تلخ حقيقتن کي بہ سمجهڻ ۾ مدد ڏين ٿا.

پرم پوندو کلي خود راهبر جو،
وري کي قافلا پٽڪن تہ وه وا

بچي ها دل فريبِ دوستي کان
هجن هي دوست جي دشمن تہ وه وا

اسان جو ساه ئي سوريءَ ۾ آهي
قفس جا ڏينهڙا ڪٽجن تہ وه وا

هر لحظي نئون زخم نئون درد نئون داغ
انعام وفائن جو گهرڻ راند تہ ناهي

مجروح کي اهو ارمان آهي تہ دنيا فقط مرڪ تي شيدا آهي ۽ لڙڪن جي قيمت ڪو بہ نٿو ڄاڻي.

مُـرڪ تـي شيـدا دنيـا ساري،
لڙڪ جي قيمت ڪو بہ نہ ڄاڻي.

ساڳئي غزل جي مقطع ۾ چوي ٿو:

يـاد جا نشتر، تير ڏڪـن جـا،
دل جي حالت ڪو بہ نہ ڄاڻـي.

مجروح غم ۽ الم جي تلخين کي پنهنجي روح ۾ لڪائيندي بہ زندگيءَ کي خوشگوار ڏسڻ گهري ٿو:

تنهنجي هڪڙي ادا، تنهنجي هڪڙي نظر،
زندگي زندگي، روشني روشني

◉

اگر چہ رات جي اونده ۾ ٿا جيون يارو
صبح جي ساک زماني کي ٿا ڏيون يارو

مجروح وٽ اونده ۽ رات، صبح ۽ روشني- علامتون آهن، جن کي سندس سماجي شعور وسيع پس منظر ۾ پيش ڪري ٿو:

اسانکي ظلمت- شام قفس جو خوف ڪٿي
اڃا تہ انجمن- دل ۾ سوجهرو آهي.

اسانجي حساس شاعر جي پُر اميد نگاهن کان انسانيت جو روشن مستقبل لڪل نہ آهي.

رات ڪاري قهر واري ئي سهي،
رات آهي نيٺ ويندي دوستو

اڄ ڪلهه، ادب ۾ تجربن جو ڪاروبار پنهنجي عروج تي آهي. اڪثر اوهان ٻڌو هوندو تہ اسان جا نوجوان شاعر، شاعريءَ ۾ تجربا ڪن ٿا! هڪ ڀيري، مجروح کي گهري سوچ ۾ ڏسي ڪانئس پڇيم: ڇا تون بہ ڪن تجربن ۾ مصروف آهين؟ جواب ڏنائين: ”مان تجربن ۾ شاعري نہ ڪندو آهيان. البت شاعريءَ ۾ نون تجربن جو قائل آهيان.“

پڇيم تہ تو کي ترقي پسند شاعر سڏي سگهان ٿو؟ چيائين: ”مان حقيقت پسند شاعر ٿيڻ وڌيڪ پسند ڪندس.“ ڀلا هنن حقيقتن کان ڪير انڪار ڪندو؟

گلن جا رنگ تہ ساڳيائي خوشنما آهن،
رڳو نگاه جا انداز بدليا آهن.

◉

ڪي ماڻهو زنده هوندي بہ درگور ٿي وڃن ٿا
ڪي ماڻهو مؤت کانپوءِ بہ زنده سدا رهن ٿا

◉

قدم قدم تي نئون روز حادثو آهي
جيئي ۽ خوش بہ رهي ڪنهن جو حوصلو آهي

◉

آئون تہ پاڻ ئي پيو ڪلان پنهنجي حال تي
تو کي هي ڪنهن چيو تہ اکيون اشڪبار ڪر.

ڪو فلسفي يا خطيب ڪا سنجيده ڳالهہ نهايت ئي سنجيدگي سان بيان ڪندا آهن ۽ ٻڌندڙ يا پڙهندڙ، پنهنجن خيالن ۾ گم هوندا آهن، تنهنڪري ڪي دانائي جا نڪتا بہ ضايع ٿي ويندا آهن. شاعر ساڳي ڳالهہ جنهن خوبصورتي سان چئي سگهي ٿو تنهن جو اثر ٻڌندڙ قبول بہ ڪن ٿا. جيڪڏهن بيان ۾ طنز جي تلخي آهي تہ حڪايت دلچسپ ٿيو پوي، پوءِ ان حڪايت جي حقيقت بہ دل تي گهرو نقش اياري ٿي. مجروح جا هي شعر ڪيڏو نہ لطف پيدا ڪن ٿا:

صدقي تنهنجي راهبريءَ تان
هر ماڻهو گمراهه ڏسان ٿو

◉

سرفروشن جي ڪهاڻين ۾ اهو پڻ آ لکيل
ڪيترا جلاد آيا، منصفن جي ويس ۾

مجروح جي ڪلام جي اهم خوبي سندس سوچ ۽ انداز بيان جي نواڻ آهي آءُ فقط هي ٻه ٽي شعر پيش ڪريان ٿو. هونءَ ته سندس ڪلام اهڙن خوبصورت شعرن سان ڀريو پيو آهي.

پاڇن پويان ڀڪندي ڀڪندي،
پاڻ وڃائي ويٺو آهيان.

◉

جڏهن زماني ڏني ڪا سزا وفائن جي،
مان بي خبر ٿي چوان ٿو الائي ڇا آهي.

◉

ڇهري ڇهري تي ڏک لکيل آهن،
ماڻهو ماڻهوءَ کي پڙهڻ گهربو هو

غزل جو دائرو نه زلفن جي پيچن تائين محدود آهي ۽ نه ڪنهن عاشق جي اڻپوري خواهش وانگر تنگ آهي. اڄ زندگيءَ جو ڪو به رخ، سياست جي اثر کان بچيل نه آهي. شاعر ته پنهنجي حساس طبع سببان، معاشري جي بي انصافين کي وڌيڪ شدت سان محسوس ڪري ٿو ۽ انهن جي خلاف احتجاج ڪري ٿو. شاعر اهو احتجاج، نعري بازي جي انداز ۾ نه پر اشارن ۽ علامتن جي هٿيارن سان ڪري ٿو. مثال ڏسو:

اهڙو ته اڳي ڪو نه هو هن بزم جو ماحول،
ڪو جام پيو ڇلڪائي ته ڪو لڙڪ پئي ٿو.

ڪوڙ پڙرو ٿئي نہ ڳالھين مان
تو ڪي ھي فن بہ سکڻ گھربو ھو

پڄاڻيءَ ڪان اڳ، ھيءُ پر لطف حڪايت بہ بيان ڪندو ھلان تہ ڪو وقت اھڙو بہ ھو جڏھن مجروح "مخفي" ايڊيٽر ٿي پيو ھو. مئنڪلوڊ، روڊ ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ سنڌي اخبار روزاني "نئين سنڌ"جي مالڪن ڪي، جيڪي ديسي انگريزن وانگر سوچيندا بہ ڪامورڪي انگريزيءَ ۾ ھئا، ڪنھن ايڊيٽر جي ضرورت ھئي. سندن شرط بہ عجيب و غريب ھئا. ھڪ ڳالھ تہ ايڊيٽوريل ۾ زوردار دليل ڏنا وڃن ۽ ٻي ڳالھ تہ ايڊيٽر ڏھاڙيءَ تي نوٽ، لکي ڏئي.

مجروح ان وقت غم روزگار جو شڪار ھو تنھن اھي ٻئي شرط قبول ڪيا. پر پوءِ اھو سلسلو گھڻو وقت جاري رھي نہ سگھيو ڇاڪاڻ تہ دليلن جي مقابلي ۾ معاوضو زوردار نہ ھو. اھڙيون ٻيون بہ ڪيتريون دلچسپ حڪايتو آھن پر ان لاءِ بيان ڪان قاصر آھيان تہ متان مجروح ناراض نہ ٿي پوي. علي محمد مجروح، مقامي مشاعرن سان گڏ، جميعت الشعرا جي ڪانفرنسن ۾ بہ شرڪت ڪندو رھيو آھي ۽ اھڙيءَ طرح سڄي سنڌ ۾ سندس شھرت، خوشبو وانگر ڦھلبي رھي. قدرت ڪيس آواز ۾ سوز و ساز جي دولت عطا ڪئي آھي جنھن ڪري سندس شعر دو آتشہ ٿي پيو آھي. مجروح پنھنجي محنت ۽ ذھانت سان ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي مشاعرن ۾ بہ حصو وٺندو رھيو. سندس ڪيترائي ڊراما نشر ٿيا آھن جن کي پسند ڪيو ويو آھي. لکڻ لاءِ تہ گھڻو مواد آھي پر آءُ چاھيندس تہ پڙھندڙ مجروح جي پاڻ بابت، بہ ڪو تاثر ۽ ڪا راءِ بہ معلوم ڪن جيڪا سندس شاعريءَ جي پس منظر کي سمجھڻ ۾ ڪا مدد ڏيئي سگھي.

مجروح پاڻ بابت ڇا ٿو چوي؟

جيڪي بہ حسنِ يار تنھنجيون خوبيون ھيون
سي سڀ غزل ۾ پنھنجي مون آڻي جمع ڪيون



Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

تون تہ مجروح جو جڻ غزل پيو لڳين
سادگي، دلڪشي، نغمگي، نازڪي

◉

دل جي جذبن جي ترجماني لئہ،
شعر مجروح جا ھڏاياسين.

علي محمد مجروح جي غزلن، گيتن ۽ نظمن کي مختلف زاوين کان سمجهڻ جي ضرورت آهي، اهو چوندي آءُ وڏا محسوس ڪو نہ ٿو ڪريان تہ علي محمد مجروح جو ڪلام ۽ خاص طور غزل، اسانجي شاعريءَ جو قيمتي سرمايو آهي. ۽ اها پڻ خوشيءَ جي ڳالھ آهي تہ شيخ مراد علي ڪاظم ڪانپوءِ، سنڌ، مجروح جهڙو وڏو غزل گو شاعر پيدا ڪيو آهي. راءِ ۾ اختلاف ٿي سگهي ٿو ۽ راءِ جو اختلاف بہ شاعر جي عظمت جو دليل آهي.

**شيخ عبدالحليم جوش**

٢٦-١١- ١٩٩١ع
ڪراچي.

# محبتي مجروح

علي محمد مجروح سان چاڻ سڃاڻ سن ١٩٥٦ع ۾ خيرپور ۾ ٿي. جتي "بزمِ ناز" خيرپور پاران ڪُل سنڌ ادبي ڪانفرنس ۽ مشاعره جو اهتمام ڪيو ويو هو. ان زماني آءٌ ممتاز ڪاليج خيرپور ۾ پڙهندو هوس. استاد حامي مون کي ۽ هڪ ٻئي شاگرد کي اسٽيشن تي موڪليو تہ جيئن ڪراچي کان ايندڙ مهمانن جو استقبال ڪريون ۽ کين رهائش واري جڳهہ تي وٺي اچون. جڏهن گاڏي پهتي تہ ٻين مهمانن سان گڏ هڪ سنهڙو سانورو ۽ سهڻن مهانڊن وارو همراهہ پڻ هو. جنهن پنهنجو تعارف ڪرائيندي ٻڌايو تہ "علي محمد مجروح". آءٌ مجروح جو ڪلام "نئين زندگي" ۽ "مهراڻ" ۾ پڙهندو رهندو هوس. ۽ مجروح منهنجو پسنديده شاعر هو ۽ اڄ بہ آهي.

مجروح سان منهنجي اها پهرين ملاقات هئي. جڏهن مڪامڪ ميلو ٿيو تہ ڏاڍي خوشي ٿي. مشاعري ۾ سنڌس طرحي غزل نہ فقط مون کي وڻيو، پر ٻڌندڙن کي بہ ڏاڍو وڻيو. اها ڪانفرنس هر لحاظ کان ڪامياب رهي.

١٩٦٠ع ۾ جڏهن وڌيڪ تعليم لاءِ ڪراچي آيم، تہ ڪڏهن ڪڏهن مجروح سان مشاعري جي موقعي تي ملاقات ٿيندي رهندي هئي. وقت گذرندو رهيو، نيٺ ١٩٧٢ع ۾ مون جڏهن ڪراچي يونيورسٽي ۾ نوڪري ڪئي، تڏهن مجروح سان وڌيڪ ويجهڙائي ٿي. ان جو سبب اهو هو جو ريڊيو ۽ ٽي- وي تي اڪثر مشاعرا ٿيندا رهندا هئا، ان موقعي تي ساڻس روح رهاڻ ٿيندي رهندي هئي. مشاعري جي ڪارروائي بہ گهڻو ڪري مجروح هلائيندو هو. جيڪڏهن شاعر ٿورا شريڪ ٿيندا هئا ۽ وقت بچي پوندو هو تہ پوءِ ڪنهن نہ ڪنهن شاعر کي چوندو هو تہ، "سائين! هڪ ٻيو غزل ٻڌايو. يا گهڻو داد ڏيئي، "مڪرر مڪرر" چئي وقت پورو ڪري وٺندو هو.

مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ هڪ ڀيري جڏهن استاد حامي سان ڪراچي جي شاعرن بابت ڳالهہ ٻولهہ ٿي تہ مرحوم عبدالله عبد، سنڌن لائق فرزند عبدالحليم جوش ۽ علي محمد مجروح جي شاعريءَ جي تمام گهڻي تعريف

ڪيائون. واقعي استاد حامي جو ڪجهہ چيو هو، سو سچ هو.

مجروح جي شاعريءَ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو تہ هو گيت ۽ غزل جو تمام پيارو شاعر آهي. هو جڏهن بہ مائيڪ جي اڳيان ايندو آهي تہ هڏڻ وارا "ترنم سان ترنم سان" جي ڌُم لائي ڏيندا آهن. سندس ترنم سان پڙهڻ وارو انداز دهلوي يا لکنوي نہ هوندو آهي، پر اهو نيٽ سنڌي هوندو آهي، تنهنڪري سنڌواسين کي تمام پيارو لڳندو آهي، چاڪاڻ تہ ان ۾ پنهنجائپ هوندي آهي. اهوئي سبب آهي جو هڏڻ وارا متوجہ ٿين ٿا ۽ سندس خوبصورت شاعريءَ تي کيس دل کولي داد ڏين ٿا.

مجروح هڪ حسن پرست انسان آهي، محبتي ماڻهو، سندس من ۾ سدائين محبت، وسي ۽ هو ڪيني ۽ ڪلفت مان ڪوهہ ڄاڻي. اهوئي سبب آهي جو هُو زندگي محبت سان ئي سهڻي سمجهي ٿو ۽ پنهنجي من ۾ محبّت وسائي زندگي گهاري ٿو.

لڪائي نہ سگهبي، ڪڏهن هيءَ حقيقت
حياتيءَ جو سينگار آهي محبّت
محبّت کي من ۾ وسائي جيون ٿا.

ٻئي هڪ شعر ۾ چوي ٿو:

منهنجي احساس ۾ درد جي نازکي،
منهنجي اشعار ۾ پيار جي چاشني.

سلاست ۽ رواني، سوزوگدار شاعريءَ جي سونهن هوندا آهن. مجروح جي شاعري انهن وصفن سان سينگاريل آهي.

جيڪڏهن غور سان ڏٺو وڃي تہ علي محمد مجروح جي شاعري سوز ۽ درد سان ڀريل آهي. هونئن بہ زندگي ڪا سڪن جي سيج تہ نہ آهي. قدم قدم تي ڪنڊا وڇايل آهن. سُکن جون ساعتون، ساعتون ئي هونديون آهن، اهي ڏينهن، مهينا يا سال نہ هونديون آهن. اهي ائين هليون وڃن ٿيون، جڻ تہ ڪا محبوبہ رُسي وئي هجي. شاعر جي دل ۾ آس اُڀري ٿي، تہ ڪاش اهي رُٺل وري پرچي پون:

سُکن جون ساعتون، ماضيءَ جون مستيون،
رُسي مون سان وري پرچن تہ وهواه.

زندگيءَ جي تصوير چٽيندي ڪهڙن نہ سادن لفظن ۾ سهڻي ڳالهہ ڪري ٿو:

آءُ تنها مٽي تي ڏکن جي ڀري،
آهي ڪيڏي پري منزلِ زندگي.

۽ هن جڳ ۾ وفائن جو ڪهڙو انعام مليو ٿو؟ سو بہ مجروح جي زباني ملاحظہ فرمايو:

هر لحظي نئون زخم، نئون درد، نئون داغ
انعام وفائن جو ڳهڻ راند ته ناهي.
افسوس ته ان ڳالهه جو آهي جو:
مُرڪ تي شيدا دنيا ساري،
لُڙڪ جي قيمت ڪوبه نه ڄاڻي!

مجروح عشق جي عظمت کان واقف آهي. کيس معلوم آهي ته عشق جي عظمت آسانيءَ سان نٿي ملي سگهي. اهوئي سبب آهي جو هُو ٻڌائي ٿو ته: عشق جي عظمت هرڪنهن کي حاصل ٿي نٿي سگهي. سڏڙيا اُن شراب جي هڪ سُرڪ به حاصل ڪري نه ٿا سگهن. جيڪي قرباني ڏين ٿا، مُرڪندي موت قبولين ٿا، اهڙن ئي عاشقن کي عشق جي عظمت ملي ٿي.

هيءَ عشق جي عظمت به ته ڪنهن ڪنهن کي ملي ٿي.
سوريءَ تي چڙهڻ، مُرڪي مرڻ راند ته ناهي.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه فرمايو آهي:

سُوريءَ سڏ ٿيو، ڪا هلندي جيڏيون،
وڃڻ تن پيو، نالو نينهن ڳنهن جي.

پريت جا پنڌ عاشق ئي ڪندا آهن، انهيءَ راهه تي عشق وارا ئي رمندا آهن. عاشق جي عيد تڏهن ٿيندي آهي، جڏهن هو سُوريءَ سڏ ٻڌندا آهن. مجروح ان اعليٰ عيد جو ذڪر هن ريت ڪري ٿو:

ها جڏهن سُوري سڏيندي دوستو،
عاشقن جي عيد ٿيندي دوستو.

لطيف سائين انسان کي هردم هشيار ۽ خبردار رهڻ جي هدايت ڪئي آهي، هڪ هنڌ فرمائين ٿا:

هوئج هشيار، خبردار، ترڪڻ آهي تڙ ۾ گهٽي.

مجروح به پنهنجي دور جي تصوير چٽيندي هوشيار ٿي رهڻ جي هدايت ڪري ٿو:

عجب دور آهي سنڀالي هلو،
هتي ڦهر ڪڙڪن پيا دوستو.

سندس هڪ ٻيو شعر آهي:

مجروح متان رهزن ئي هجي،
جنهن رهبر سان گڏجي ٿا وڃون!

حالتون ٺيڪ نه آهن، رهبري جي پردي ۾ رهزن ڦرندا وتن، ڦهر پيا ڪڙڪن، پر تڏهن به مجروح مايوس نه آهي. کيس يقين آهي ته رات ڪيڏي به ڦهري ڇونه هجي، پر آخر رات جي پٺيان ڏينهن ضرور ايندو.

رات ڪاري قهر واري ئي سهي،
رات آهي نيٺ ويندي دوستو.

مجروح جي شاعري ۾ گهڻيون ئي خوبيون آهن، خاص طور سندس غزل ڏاڍا پيارا آهن. سندس غزل محبوب وانگر محبوب آهن. انهن ۾ سادگي، دلڪشي ۽ نغمگي نظر ايندي.

تون تہ مجروح جو جڻ غزل پيو لڳين،
سادگي، دلڪشي، نغمگي، نازڪي.

## نواز علي شوق

ڪراچي ٢٨- فيبروري ١٩٩٢ع.

# عرض حال

شاعري انسان جي اندر جو آواز ۽ اُن جي سورن جي صدا آهي. انسان پنهنجي حياتيءَ جي سفر ۾ جيڪي تجربا ۽ مشاهدا ماڻي ٿو. جيڪي ڏسي ۽ ٻڌي ٿو، تنهن کي فڪر ۽ فن جي ڪسوٽيءَ تي پرکي پيش ڪرڻ جو نالو آهي شاعري. مختلف ماڻهو زندگيءَ کي ڌارڌار زاوين سان ڏسن ٿا، انهيءَ ڪري شاعري ۾ پڻ مختلف انداز ۽ اسلوب پيدا ٿيا. اظهار جا نوان وسيلا دريافت ٿيا ۽ شاعري ٻـ مختلف صنفن ۾ تقسيم ٿـي وئي. ڪي صنفون اسان کي پنهنجي روايتي ورثـي کان مليون ۽ ڪي اسان ٻين زبانن جي شاعري ۽ ادب جي مطالعي کان پوءِ حاصل ڪيون- مون پنهنجي انهي مجموعي ۾ جيتوڻيڪ ٻيون ٻـ ڪيتريون شيون پيش ڪيون آهن پر خاص حصو غزلن تي مشتمل آهي. انهي ڪري ٻـ تـ آءٌ بنيادي طور غزل جو ئي شاعر آهيان.

عام طور داخليت کي ئي غزل جي شاعريءَ جو بنياد سڏيو ويو آهي. غزل جي خوبصورت کان خوبصورت شعر کي ٻـ داخليت زده سڏي اُن جي اهميت کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي. داخليت جي جيڪا ٻـ تعريف گهڙي وڃي پر حقيقت اها آهي تـ انساني جذبن ۽ احساسن جي اٿاهه سمنڊ مان اُٿندڙ موجن، حالات ۽ حادثات جي طوفانن، زندگي جي سيني خوبصورتين ۽ مٺڙني محبوب آرزوئن ۽ اُمنگن، خوشين ۽ ڏکن جي لازوال تفسير جو نالو آهي داخليت. يا ائين ڪٿي چئجي تـ انسان جي اندر ۾ آباد جذبن جي خوبصورت دنيا جو نالو ئي داخليت آهي، جنهن غزل جي شاعريءَ کي حسن ۽ لطافت، رنگ ۽ خوبصورتي عطا ڪئي آهي.

اهڙو شعر جنهن ۾ صرف لفظن جي ڪِڏ هجي ۽ شاعر جو اندر اُڌمن ۽ جذبن کان خالي هجي ته اهڙي شاعريءَ ۾ ڪٿي ڪيڏي به خارجيت ڇو نه هجي، ڪڏهن به اثر انگيز ثابت ٿي نه سگهندي. شاعر جي اندر جي دنيا جا احساس ۽ رنگ ئي ته شعر کي وڌيڪ دلنشين ۽ پختو بڻائين ٿا، انهن احساسن ۾ تازگيءَ سان گڏ شعور جي آڳ حسن ۽ پسنديدگي پيدا ڪندي آهي. جذبن جي انهن ئي گلڪارين سبب غزل هڪ سدا بهار صنف آهي. جنهن ۾ بي پناهه وسعت موجود آهي. هر خيال ۽ هر جذبو پوءِ اُهو ڪيڏو به لطيف ۽ ڪيڏو به دلگداز ڇو نه هجي، غزل ان کي پاڻ ۾ سموئڻ ۽ ان جي ترجمانيءَ جي ڀرپور صلاحيت رکي ٿو. زندگيءَ جون بيشمار پريشانيون ۽ پيڙائون، ڏک ۽ سک، محبتون ۽ ڪلفتون، جدائيون ۽ وصلتون، روزگار جا غم ۽ زماني جا ستم جن کان انسان اڄ تائين نه ڀڄي سگهيو آهي ۽ نه بچي سگهيو آهي، زندگيءَ جون ننڍيون ننڍيون داخلي ڪيفيتون، اُڏامندڙ ساعتن جون سندرتائون اهي سڀئي ته غزل جا موضوع ۽ مضمون آهن جن ۾ غزل جو شاعر محبوب جي حسن سان گڏ پنهنجي اندر جون خوبصورتيون پري انهن کي وڌيڪ دلڪش ۽ خوشنما بڻائي پيش ڪري ٿو ته جيئن اهي دل ڏاريندڙ ڏک انسانن کي بيزار بڻائڻ بدران، منجهن جيئڻ جي آس ۽ جذبن جو شعور پيدا ڪري سگهن.

اسانجي ادبي دنيا ۾ اهڙا بي شمار پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو، قابل نقاد ۽ سخن شناس اديب ۽ شاعر موجود آهن جيڪي غزل جي اهميت ۽ افاديت سان گڏ سنڌي شاعري ۾ ان جي روايتي رتبي ۽ ڪردار کان ڀلي ڀت واقف آهن ۽ ان تي نهايت تفصيل سان روشني وجهي اُن جي حسن، جامعيت ۽ وسعت کي پرکي سگهن ٿا پر اهڙي ماڻهن جي به گهڻتائي ڪانهي جي غزل کي ڌاري ۽ روايتي صنف سڏي، ان جي اُن ڀر پور ڪردار سان انصاف نه پيا ڪن جو اڄ تائين سنڌي شاعريءَ ۾ غزل جا شاعر انجام ڏيندا رهيا آهن. ٿي سگهي ٿو ته اهڙن سڄاڻن جي سوچ تي ڪي دوست ڪلندا به هجن پر مون کي ته سچ پچ افسوس ٿيندو آهي.

غزل جي ابتدائي روايتي شاعريءَ واري دور ۾ ائين به ٿيو آهي ته غزل کي صرف فارسي شاعريءَ جي تتبع تائين محدود رکيو ويو پر اهڙي شاعري

هڪ مخصوص ۽ محدود وقت تائين قائم رهي ۽ ان کان پوءِ جيئن جيئن زماني جا انقلاب پنهنجي جاءِ والارڻ لڳا، انسان زندگي جي نون لاڙهن ۽ ان جي ڏکن کان روشناس ٿيا تہ غزل کي بہ نوان مضمون مليا ۽ هن انسان جي داخلي جذبن سان گڏ انهن خارجي اثرن ۽ سببن جي بہ ڀرپور ترجماني ڪئي ۽ ان کي نئين رمزيت ۽ اشاريت وارو انداز ڏنو. اڄ غزل پنهنجي روايت کان ڇڄي ڌار تہ ڪو نہ ٿيو آهي پر هن پنهنجي روايت ۾ حسن ۽ جدت جو رنگ گڏي، اُن کي وڌيڪ خوبصورتي ۽ زندگيءَ سان هم آهنگي بخشي آهي. غزل جي انهن خوبين مون کي بہ غزل جي شاعريءَ ڏانهن مائل ڪيو ۽ مون پنهنجي حال سارو غزل جي حق ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ان ۾ آءُ ڪيتري قدر ڪامياب ٿيو آهيان ان جو فيصلو پنهنجي مخلص پڙهندڙن، تي ڇڏيان ٿو جي بالغ نظر بہ آهن تہ منصف مزاج بہ.

سنڌ جي هڪ بين الاقوامي بندر ۽ شهر هجڻ سبب، ڪراچي شهر شروع کان ئي مختلف زبانن جو مرڪز پئي رهيو آهي. انهي ڪري هتي جي سنڌي ڳالهائيندڙن جي زبان بہ انهن اثرن کان محفوظ رهي نہ سگهي آهي. هونئن تہ ڪنهن بہ علاقي جي زبان کي مستند سڏي نٿو سگهجي، خاص طور اُن حالت ۾ جڏهن تہ هر ڏهن ڪوهن تي ٻولي پئي بدلبي هجي. پر افسوس صرف هن ڳالھ جو آهي تہ خود اسان جا ئي ڪي نام ڪٺيا ماڻهو ڪراچي جي سنڌين کي سندن زبان ۽ لهجي جي معمولي فرق سبب سنڌي سڏڻ لاءِ بہ تيار نہ آهن ۽ انهن کي هر ميدان ۾ محروم رکڻ جون ڪوششون ٿينديون رهيون آهن. خير اها تہ هڪ عام اعتراض جوڳي روش آهي جنهن جو مون ذڪر ڪيو نہ تہ ڪراچي جا سنڌي ويچارا سنڌيءَ کي ئي پنهنجي مادري زبان طور زنده رکندا ٿا اچن. علم و ادب جون شمعون بہ روشن پيا رکن. اڄ ڪراچي شهر کي جيڪا علمي ۽ ادبي حيثيت حاصل آهي، ان جي پس منظر ۾ ڪراچي جي ئي قادرالڪلام شاعرن، اديبن، عالمن ۽ نقادن جون خدمتون نظر اچي رهيون آهن، جن اڄ کان ۽ قيام پاڪستان کان بہ گهڻو اڳ ڪراچي کي "شهر غزل " جو رتبو عطا ڪيو. انهن بزرگن مان مون جن کي ڏٺو ۽ ٻڌو سي هئا مرحوم شيخ عبدالله عبد، غلام احمد نظامي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، محمد هارون امير، مراد

علي ڪاظم وغيره. هتي ادبي محفلون ۽ مشاعرا تہ هر هفتي پيا ٿيندا هئا. ڏاڍا خوبصورت شعر ٻڌبا هئا. مون کي ماستر هارون امير جو اِهو شعر اڃا بہ ياد آهي:

اُٺ اُٿي هل دل، حزين مون سان
بي وفا جو ڪو انتظار نہ ڪر

سنڌ مان جيڪي بزرگ شاعر هتي نئو آباد ڪراچي ۾ ايندا هئا تن ۾ مرحوم جمع خان غريب، ڊاڪٽر شيخ ابراهيم خليل، محمد بخش واصف، حاجي محمود خادم ۽ ويجهي دور ۾ مرحوم عطامحمد حامي، رشيد احمد لاشاري مرحوم، محمد خان غني مرحوم بہ اڪثر انهن مشاعرن جي محفلن ۾ شامل ٿيندا هئا. الله حياتي ڏين قبلہ طالب المولىٰ سائينءَ جو ديدار بہ پهريون ڀيرو مون ڪراچي جي مشاعري ۾ ئي حاصل ڪيو.

قيام پاڪستان کان پوءِ ڪراچي ۾ نئين سر ادبي محفلن جو سلسلو شروع ٿيو. محفل احباب، بزم نظامي، بزم طالب المولىٰ ۽ بزم مِحراب ادب جي ماهانہ مشاعرن جي ماحول ڏاڍا سٺا شاعر پيدا ڪيا، جن مان ڪيترا پنهنجا ڪجھ خوبصورت شعر اسان جي ذهنن ۾ امانت طور محفوظ ڪري وڃي ملڪِ عدم ۾ آرامي ٿيا آهن. مرحوم علي محمد اسير جو هڪ شعر اڄ بہ ياد آهي.

ياد ڪي ڳالهيون اچي وييون
جن سڄي رات بيقرار ڪيو

ٻيا بہ اهڙا ڪيترا شاعر هئا جن ڪراچي جي هن شهر غزل ۾ ڪيترا ئي سهڻا غزل چيا پر اڄ اُهي شايد ڪٿي محفوظ هجن، نہ تہ گهڻو ڪري اُڏوهيءَ جو کاڄ بڻجي چڪا هوندا. انهي خوف کان تہ متان منهنجو بہ ڪو اهڙو ئي انجام ٿئي، سو پنهنجي ڪلام جي مجموعي کي ڇپرائڻ لاءِ وٺي جاکوڙ شروع ڪيم. حالانڪہ ڪن خوش حال ۽ خوش فڪر سڄڻن جي راءِ موجب منهنجي ڪلام کي گهڻو اڳي ڇپجي وڃڻ گهربو هو. جڏهن تہ اڄ ويهہ ۽ پنجويهہ سالن جي نوخيز نوجوانن جا پنج پنج مجموعا ڇپجي چڪا آهن. ڳالھ بہ صحيح آهي. تيز رفتاريءَ جي هن ڊوڙ ۾ آءُ گهڻو پٺتي رهجي

ويو آهيان، جنهن جا هيا ڪٽي ڪيترائي سبب چو نہ هجن پر سڀ کان اهم سبب آهي وسائل جي ڪمزوري. آءُ تہ اهو معجزو چوندس تہ هن ڪسمپرسي واري دور ۾ منهنجي ڪلام جو مجموعو ڇپجي منظر عام تي آيو. منهنجي تہ وهم ۽ گمان ۾ بہ اها ڳالهہ ڪا نہ هئي پر خدا ڀلو ڪري ڀاءُ شبير هاتف جو، جنهن مون کي سنڌي ادبي بورڊ ڏانهن رجوع ڪرڻ جو مشورو ڏنو ۽ آخر قبلہ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ جي ڪرم نوازي ڪم آئي. جيئن تہ قبلہ مخدوم صاحب جن پاڻ بہ غزل جا قادر الڪلام شاعر ۽ غزل گو شاعرن جا وڏا قدر شناس آهن، تنهنڪري نهايت محبت ۽ اخلاص سان موقعو ڏنائون تہ آءُ سنڌي ادبي بورڊ جي زير اهتمام پنهنجو هي ناچيز مجموعہ پڙهندڙن تائين پهچائي سگهان. اهڙا ماڻهو هن ڪارگاهہ هستي ۾ ٿورا هوندا آهن جن جي حياتي ٻين کي فيض رسائڻ ۽ پيار ونڊڻ لاءِ وقف هوندي آهي. آءُ انهيءَ لاءِ قبلہ مخدوم طالب الموليٰ سائين جو سدائين احسان مند رهندس. انهيءَ سان گڏ مان سنڌن فرزند عزيز جوان سال اديب، شاعر شهرت نصيب، سنڌي ادبي بورڊ جي اسٽئنڊنگ ڪميٽيءَ جي چيئرمين مخدوم جميل الزمان صاحب جي قربائتي تعاون لاءِ بہ سنڌن ممنون آهيان جنهن هن مجموعي کي ڇپائيءَ جي مرحلن مان پار ڪيو.

مون تي نگاهہ يار جون ڪيئي عنايتون
قربان ٿي بہ قرض ادا ٿي نٿو سگهي

آءُ پنهنجي ديرينہ دوست شيخ عبدالحليم جوش ۽ سنڌي ادب جي سچار، اديب ۽ نقاد ڊاڪٽر نواز علي شوق جو بيحد ممنون آهيان جن منهنجي شاعريءَ بابت پنهنجا رايا قلمبند ڪري موڪليا. واقعي تقريظ لکڻ هڪ ڏکيو ڪم آهي ۽ خاص طور اُن حالت ۾ جڏهن تہ اُها ڪنهن دوست بابت لکي وڃي. دوستي نباهڻ سان گڏ ناقدانہ ديانت کي قائم رکڻ لاءِ وڏي مهارت جي ضرورت هوندي آهي، مون کي خوشي ٿي تہ انهن صاحبن ٻئي پاسا خوبصورتيءَ سان نباهيا آهن. شيخ عبدالحليم جوش ان وقت ڪجهہ بيمار بہ هو پر ان جي باوجود هن پنهنجي تقريظ جي صحت کي قائم رکيو. منهنجي

دعا آهي تہ خدا سندس صحت کي سدائين بحال رکي.

سدا بهار هجن ڏک نہ زندگيءَ ۾ ڏسن
اُهي ئي جن جي نگاهن ۾ چاهتون آهن

حليم جوش جو تبصرو ڪراچي جي ابتدائي ادبي تاريخ جو هڪ باب آهي، جو ذهن ۾ ڪيترين ئي پراڻي يادگيرين کي تازو ڪريو ڇڏي. ادب جي نئين قاري لاءِ هي هڪ معلوماتي مواد بہ آهي. انهي سان گڏ ڊاڪٽر نواز علي شوق جو تبصرو پڻ نهايت محنت ۽ وسعتِ نظر سان لکيو ويو آهي. آءٌ انهن تبصرن تي وڌيڪ تبصرو نہ ڪندس، جيڪي ڪجھ آهي پڙهندڙن آڏو پيش آهي.

پيار ۾ پنهنجو هي اُصول ٿيو
جيڪي سجڻ چيو قبول ٿيو

**علي محمد مجروح**

٧- ٢- ١٩٩٢

# ربّ ڪائنات جي حضور

ذري ذري مان نمايان تنهنجي قدرت اي خدا
تنهنجي هر تخليق ۾ آهہ تنهنجي عظمت اي خدا

ٻاجهہ سان تنهنجي ٻڏل ٻيڙا ڪناري تي رسن
راهبر طوفانِ غم ۾ تنهنجي رحمت اي خدا

ظلمتن ڪان سو زماني جي نٿو هرگز ٻجي
جنهن بشر جي دل ۾ روشن نورِ وحدت اي خدا

آهي تنهنجي بندگيءَ ۾ زندگيءَ جي آبرو
سرخرو ٿيو جنهن ٻہ جاتي هيءَ حقيقت اي خدا

تنهنجي سڪ ۾ جا لُڇي، تنهنجي تمنا ۾ جيئي
ڪيئن رهي تنهن دل ۾ دنيا جي محبت اي خدا

جي ٿئي قربان تنهنجي راهہ ۾ هيو ڇا ڪيي
زندگي مجروح جي تنهنجي امانت اي خدا

زندگيءَ جي بهار تون آهين
منهنجي دل جو قرار تون آهين

سوز تنهنجو ئي منهنجي نغمن ۾
روح جو رازدار تون آهين

تو سوا ڪنهنجو آسرو مون کي
منهنجو پروردگار تون آهين.

# بارگاه رسالت ﷺ

نانءُ تنهنجو جڏهن تو وٺان ڪارڻي
سڪ جو ساگر تو بڻجي پوان ڪارڻي

تا جيئن جيئن زماني جا فتنا وڌن
ٻاجھ ٻيئڻي تو تُنهنجي ڏسان ڪارڻي

ڳولهي ڳولهي تڪس ڪانہ منزل ملي
تنهنجي در کي چڏي چو رلان ڪارڻي

آءٌ بہ آهيان تڪو، رڻ بہ آهي تتو
ڇانوَ ۾ تنهنجي هلندو هلان ڪارڻي

قرب جي هن قريني کي ڪريو قبول
آهي مون وٽ غزل جي زبان ڪارڻي

لطف تنهنجي هي دل کي ڏنو حوصلو
زهر جا ڍُڪ تو مُرڪي پيان ڪارڻي

پنهنجي مجروح تي مهر مُرسل ڪريو
وقت جا مرحلا بي ڪران ڪارڻي

# غزل

جيڪي بہ حسن يار تنهنجيون خوبيون هيون
سي سڀ غزل ۾ پنهنجي مون آڻي جمع ڪيون

مجروح جي ڪھڙي ڳالھ ڪجي، ھو ڏاڍو دلبر ماڻھو ھو
خاميون بہ منجھس شايد ڪي ھجن پر پوءِ بہ بھتر ماڻھو ھو
خوشيون بہ ڏنائين دنيا ۾ ۽ ڏک بہ اڪثر پوکيائين
پر ھڙڪ نہ ٻاھر ڪيائين ھو اھڙو خود سر ماڻھو ھو

ڪراچي. ١٩٩٠ع

پهرين سڄڻ جي سونهن سان سينگارجي سخن
جيڪي وٺن پوءِ جڳ جون ويهي ڳالهيون ڪجن

جن جي ڏسڻ سان روح ۾ ٽڙيو پون گلاب
اهڙا تہ رنگ چهري تي اُن جي سدا هجن

وارن جا وَر ڪلن تہ ٿئي شام شهر ۾
رخ تان هٽن تہ صبح جا جڻ سانگ پيا لڳن

مُرڪي ملي جي دل جا وڌائن ٿا حوصلا
سي منهنجا دل نواز، نہ دنيا ۾ ڏک ڏسن

گذري ويا جي خواب جيان لحظا قرب جا
سرهاڻ بڻجي ساهہ ۾ سي اڄ بہ ٿا رهن

مون کي ھڏايو رات سمنڊ موج موج تي
ڪنڌيءَ تي ٿي وهڻ سان تہ موتي نٿا ملن

مجروح ڪيئن درد جي هيءَ رات گذرندي
دل ۾ تہ ڪنهنجي ياد جا نشتر پيا چڀن

ڪراچي، ١٧-١٠-١٩٨٨ع

اوهانکي کهڙي خبر ڪيئن پيا جيون يارو
هڏايون حال تہ بدنام تا تيون يارو

اگرچہ رات جي اوندھہ ۾ تا رهون يارو
صبح جي ساک زماني کي تا ڏيون يارو

اوهان جي دارو رسن تي سدا بهار هجي
اسان تہ پاڻ کي الزام تا ڏيون يارو

اوهان بہ لعل و گوهر جا تيوَ تمنائي
هي زخم دل جا پيلا ڪنهن کي آڇيون يارو

ڪڏهن قفس، ڪڏهن مقتل، ڪڏهن فرازِدار
اسان جي ياڳ ۾ آهن هي بستيون يارو

اسان جي خون سان آهي چمن جي رنگيني
اسان جي دم سان بهارن جون شوخيون يارو

رُئن اُهي جي هجن سڌڙيا سُکن جا سدا
اسان تہ پاڻ تا سورن کي سانديون يارو

اوهان جي شهر ۾ آهن هيا بہ ديوانا
اسان تہ مفت ۾ بدنام تا تيون يارو

اچي بهار تہ مجروح کي بہ ياد ڪجو
انهيءَ بہ هجر ۾ راتيون گذاريون يارو

حيدرآباد. ١٩٦٢ع

ها جڏهن سوري سڏيندي دوستو
عاشقن جي عيد ٿيندي دوستو

ياس جي ويران راهن تان وري
زندگي مرڪي مٽيندي دوستو

رات ڪاري قهر واري ئي سهي
رات آهي نيٺ ويندي دوستو

جي وجو مشڪل ۾ سپ اڪيون مٽي
مون کي حيرت ڪانه ٿيندي دوستو

هاڻي آهون روڪيو، ڳوڙا اُگهو
زندگي الزام ڏيندي دوستو

اڄ نہ ڏايا وڃ پئي واڪا ڪري
ڪنهنجي گهر مهمان ٿيندي دوستو

سپ پيا مجروح کي چريو چون
اهڙي ڪا بيداد ٿيندي دوستو

حيدرآباد. ١٩٦٣ع

هي روز جيئڻ روز مرڻ راند تہ ناهي
اي منهنجا سڄڻ پيار ڪرڻ راند تہ ناهي

دل خون ٿئي ٿي تہ وڃي رات ڪٽي ٿي
هن درد جي ڏونگر جو ڏرڻ راند تہ ناهي

هر لفظ تنهنجي سونهن منهنجو ساهہ گهري ٿو
شعرن ۾ اهو رنگ ڀرڻ راند تہ ناهي

هي عشق جي عظمت ٻہ تہ ڪنهن ڪنهن کي ملي ٿي
سوريءَ تي چڙهڻ مُرڪي مرڻ راند تہ ناهي

هر لحظي نئون زخم، نئون درد، نئون داغ
انعام وفائن جو گهرڻ راند تہ ناهي

مجروح سان ملندين تہ هي محسوس ڪندين تون
انسان جو ٿي شمع ٻرڻ راند تہ ناهي

ڪراچي. ٦-٧-١٩٧١ع

دل جي حقيقت ڪوبہ نہ ڄاڻي
چا هي محبت ڪوبہ نہ ڄاڻي

حسن جي فطرت ڪوبہ نہ سمجهي
عشق جي قسمت ڪوبہ نہ ڄاڻي

آئي آهي موٽي ويندي
سُک جي ساعت ڪوبہ نہ ڄاڻي

مُرڪ تي شيدا دنيا ساري
لُڙڪ جي قيمت ڪوبہ نہ ڄاڻي

آس جي دنيا روشن روشن
ياس جي ظلمت ڪوبہ نہ ڄاڻي

هرڪو اکين جي آس پڇائي
روح جي راحت ڪوبہ نہ ڄاڻي

ياد جا نشتر تير ڏکن جا
دل جي حالت ڪوبہ نہ ڄاڻي

حيدرآباد ١٩٦٠ع

ڪشالا راهہ جا وسرن تہ وهہ وا
اچا ڪي هم سفر ڳڏجن تہ وهہ وا

پرم پوندو ڪلي خود راهبر جو
وري ڪي قافلا ڀٽڪن تہ وهہ وا

عجب اوندهہ تي ٽسجي زندگي ۾
ڪي شعلا حسن جا ڀڙڪن تہ وهہ وا

اکيون جن جون نشيليون نيهن واريون
ڪڏهن ڪنهن موڙ تي ڳڏجن تہ وهہ وا

بچي ها دل فريب دوستي کان
هجن هي دوست جي دشمن تہ وهہ وا

اسان جو ساهہ ئي سوريءَ ۾ آهي
قفس جا ڏينهڙا ڪٽجن تہ وهہ وا

اهوئي زندگيءَ جو نور آهي
جگر جا داغ پيا جرڪن تہ وهہ وا

انهيءَ سان حوصلو دل جو وڌي ٿو
اچا ڪي حادثا گذرن تہ وهہ وا

سُکن جون ساعتون، ماضيءَ جون مستيون
رُسي مون کان وري پرچن تہ وهہ وا

اهي مجروح جا افسانا يارو
وسارڻ سان بہ جي وِسرن تہ وهہ وا

حيدرآباد ٢٣-١-١٩٦٢

آءٌ تنها متي تي ڏکن جي ڀري
آهي ڪيڏي پري منزلِ زندگي

منهنجي احساس ۾ درد جي تازگي
منهنجي اشعار ۾ پيار جي چاشني

بي رخيءَ سان سهي پر اُها هڪ نظر
نيٺ بڻجي وئي حاصلِ زندگي

مون سان گڏجي هلو ناهي منزل پري
ڇا ڪبي رهبري ڇا ڪندي رهزني

تنهنجي هڪڙي ادا، تنهنجي هڪڙي نظر
زندگي زندگي، روشني روشني

تون تہ مجروح جو ڄڻ غزل پيو لڳين
سادگي دلڪشي، نغمگي، نازڪي

حيدرآباد. ١٩٦٢ع

هي لُڙڪ جي اکين مان بڻي آب وهن ٿا
هڪ آڳ لڳائن ٿا جڏهن دل ۾ رهن ٿا

سي گردشِ تقدير کان بيگانا رهن ٿا
جي تنهنجي جفائن جا ستم روز سهن ٿا

جي تنهنجي محبت ۾ مرن ٿا نہ جيئن ٿا
هن شهر ۾ اهڙا بہ ڪي ديوانا رهن ٿا

پيغام جڏهن تنهنجي نگاهن جا اچن ٿا
ديوانا وڏي دار جو سينگار ٿين ٿا

طوفان بلاخيز جو نظارو نہ ڏس تون
موجن جي اُڇل ۾ تہ ڪنارا بہ ٻڏن ٿا

مجروح جي بربادي جا افسانا ڇڏي ڏي
تون زنده رهين اهڙا ستم روز ٿين ٿا

حيدرآباد. ١٩٦١ع

قدم قدم تي نئون روز حادثو آهي
جيئي ۽ خوش بہ رهي ڪنهنجو حوصلو آهي

ڪڏهن ڪڏهن جو نهاري ٿو ناز مان مُرڪي
اهوئي پنهنجي جياپي جو آسرو آهي

غزل ۾ تنهنجي جوانيءَ جو شوخ رنگ سهي
مگر هي دل جي حقيقت جو تذڪرو آهي

اجهو ٿا پهچون اِجهو، حوصلو رکو يارو
ديارِ دوست ۾ ٿورو ئي فاصلو آهي

اسان کي ظلمتِ شام قفس جو خوف ڪٿي
اَچا تہ اَنجمنِ دل ۾ سوجهرو آهي

ستاءِ جيڏو ستائي سگهين ٿو پير فلڪ
اهو بہ ياد رهي مون سان واسطو آهي

نہ مُرڪ آهي چپن تي نہ لڙڪ اکين ۾
الائي منهنجي طبيعت کي ڇا ٿيو آهي

شراب ناهي تہ مجروح دل جو خون سهي
اسان کي گردشِ ساغر سان واسطو آهي

حيدرآباد. ١٩٦٠ع

ستم جيڪي دل تي ٿيا دوستو
اسان کان تہ وسري ويا دوستو

هي واعظ هي ناصح هي شيخِ حرم
سڀئي پرکجي پيا دوستو

اگر بُت ڪنهن آذرَ جو پُرزا ٿيو
اشارا سان ڏي ٿيا دوستو

سڏيو پيل حوادث جي طوفان کي
اچا کي ہرن ٿا ڏيا دوستو

هئا دشتِ غربت ۾ جي همر سفر
خدا ڄاڻي ڪيڏانهن ويا دوستو

اسان جي نگاهن سان ٽڪرائجي
ڪي پيمانا ڇلڪي پيا دوستو

سرِ دار پهچي نہ پويان ڏسو
وسيلا وچڙجي ويا دوستو

زماني سان اکيون ملائي هلو
زمانا بدلجن پيا دوستو

حيدرآباد. ١٩٦١ع

اسان قرب جا قول پاري ڇڏيا
اسان زلف تنهنجا سنواري ڇڏيا

اوهان دردمندن کان بيزار ٿي
ڪرم جا قَرينا وساري ڇڏيا

اسان غم جي طوفان جي باوجود
ڏيا آرزوئن جا ٻاري ڇڏيا

اوهان هڪ نظر سان سرِ انجمن
ڪي ماري ڇڏيا، ڪي جياري ڇڏيا

ڪجي ڪهڙو ارمان مجروح جو
زماني ڪئين مير ماري ڇڏيا

حيدرآباد. ١٩٦٠ع

تنهنجي لب و رُخسار کي عنوان بنائي
ويٺو کو زماني جا ستم روز ھڏائي

ھردم تنهنجي مخمور نگاھن جو تصور
مون کي تہ زماني کان ٿو بيگانو بنائي

روکي ٿو صبا کي نہ اچي ڪنجِ قفس ڏي
ڪيڏو نہ اسيرن کي ٿو صياد ستائي

ھي دور تہ دنيا جا اچن ٿا ۽ وڃن ٿا
ساقيءَ کي چئو دور تہ ساغر جو ھلائي

آخر بہ ڪندا لڙڪ وھي راز ھي پڌرو
کو تنهنجي تمنا کي پلا ڪيڏو لڪائي

اکين تي اِھي عشق ۾ ناڪاميون ليکن
ھوُ منهنجي نگاھن سان نگاھون تہ ملائي

چو بزمِ سخن ۾ ھي اُداسي پئي ڏسجي
مجروح کي آڻيو تہ کو محفل کي مچائي

حيدرآباد. ١٩٦٢ع

هن منهنجي شهر حسن ۾ ٽڙندا رهن گلاب
دنيا جي ڪوسي واهه ڪان آجا هجن گلاب

مُکڙن تي دلبرن جي هجن رنگ سونهن جا
مُرڪن تہ چڻ بهار ۾ ٽڙيا هجن گلاب

مايوسين جي مُور نہ موسم ڪڏهن اچي
هرڪنهن اڱڻ تي آس جا کِڙندا رهن گلاب

الله نہ آڻي وقت، جو ڌرتيءَ جي آڳ ۾
بي وس ٿـي شاخ شاخ تي ڪوماڻجن گلاب

مجروح جي تہ دل جي دعا آهي اي خدا
ڳاڙها سدائين ڳاڙها ئي ڳاڙها هجن گلاب

ڪراچي ١٩٩١ع

سوچي سوچي تڪندو آهيان
پاڻ تان پاڻ ئي ڪلندو آهيان

پهڻ تہ ناهيان هن ڌرتيءَ تي
لحظي لحظي لچندو آهيان

ڏاڍو گهرو سوچجو ساگر
اڪثر ٻڏندو ترندو آهيان

کهڙا هوندا رنگَ گلن جا
موسم موسم سڪندو آهيان

سچ تہ آهيان ڪو ديوانو
تو کي پنهنجو چوندو آهيان

ڏوراپا پڻ تو کي ڏيان تو
آس بہ تنهنجي رکندو آهيان

وقت جي رڻ ۾ رُلندي رُلندي
شعر غزل جا لکندو آهيان

جتي گڏيا سون تن راهن تي
جوڳي بڻجي رُلندو آهيان

ياد ڪري مجروح جون ڳالهيون
من ئي من ۾ ڪلندو آهيان.

ڪراچي. ١٩٨۴ع

ڪو شعر چوڻ ۽ سچ بہ لکڻ. ڪا راند تہ ناهي منهنجا مٺا
۽ سو بہ وري سُر لئي سان پڙهڻ ڪا راند تہ ناهي منهنجا مٺا

هرڏک جي آهہ لذت بہ جدا، صورت بہ جدا، قيمت بہ جدا
هرڏک جو پر اپياس رکڻ، ڪا راند تہ ناهي منهنجا مٺا

هي جذبو منهنجو پنهنجو سهي پر حوصلو تنهنجي پيار ڏنو
نہ تہ لحظي لحظي زهر پيئڻ ڪا راند تہ ناهي منهنجا مٺا

ڪنهن گل جي رنگ ۽ خوشبو کان، ڪنهن رات جي چنڊ ۽ تارن کان
ڪنهن ماڻهوءَ کي محروم ڪرڻ. ڪا راند تہ ناهي منهنجا مٺا

محبوب سان دل جون ڳالهيون ڪرڻ دنيا سان نئون انداز سخن
پابند روايت جو بہ هجڻ، ڪا راند تہ ناهي منهنجا مٺا

جا پيڙا پربت ڏاريو ڇڏي ۽ ماڻهوءَ جو من ڳاريو ڇڏي
تنهن پيڙا سان پرچاءُ ڪرڻ، ڪا راند تہ ناهي منهنجا مٺا

ڪراچي. ٣١-٧-١٩٨٤ع

پيار ۾ پنهنجو هي اصول ٿيو
جيڪي سچ‌ٽن چيو قبول ٿيو

وقت جا پيچرا ڪٺي ٿا ڪٿن
رهبرن سان رلڻ فضول ٿيو

حسن جي تنهنجي شل هجي شهرت
مون کي رسوا ٿيڻ قبول ٿيو

توکي ٽڙندو ڏسي بهارن سان
مون تي نغمن جو چڻ نزول ٿيو

عشق ئِي دين عشق ئي دنيا
عشق رَحمت بڻيو رسول ٿيو

دور دنيا جا پيا اچن ۾ وچن
آهي مجروح چو ملول ٿيو

ڪراچي. ١٩٧٣ع

ڳالهيون نہ ڳڻ نہ زخم ئي دل جا شمار ڪر
ڪنهن سان وڌ ڪرين ٿو تہ ديوانہ وار ڪر

هرڪو ڪلِي چئي تہ اچي ٿو ستم زده
اُن کي نہ اُن جي غم کي ائين آشڪار ڪر

ڪنهن طرح زلفِ يار جي سرهاڻ آڻي ڏي
مون تي ڪرم تون ايترو بادِ بهار ڪر

ظاهر ڪڏهن نہ ٿيندو تنهنجو غم جهان تي
جي ٿي سگهي تہ مون تي رکو اعتبار ڪر

منهنجي اڱڻ بہ آس جون مکڙيون ٽڙي پون
رستو ڪو اهڙو موج صبا اختيار ڪر

شامِ غزل جي سونهن ۾ ساٿين جي قرب سان
ڪي لحظا زندگيءَ جا اچي خوشگوار ڪر

آءٌ تہ پاڻ ئي پيو ڪلان پنهنجي حال تي
توکي هي ڪنهن چيو تہ اکيون اشڪبار ڪر

لڙڪن کي منهنجي جيئن تنهنجو دامن ملي سگهي
تدبير ڪا تہ اهڙي منهنجا غم گسار ڪر

مجروح هن زماني جون سڀ چاهتون ڇڏي
دل ٿي چئي سدا پيو پرينءَ جي پچار ڪر

ڪراچي. ٧-٨-١٩٩١ع

ڏکن تي پنهنجي ڪلان تـو الائي ڇـا آهـي
فريب دل کي ڏيان تـو الائي ڇـا آهـي

وري بہ تنهنجي تمنا وري بہ تنهنجو خيال
هي ڪهڙا خواب ڏسان تو الائي ڇا آهـي

جڏهن زماني ڏني ڪا سزا وفائن جي
مان بي خبر تـي چوان تو الائي ڇا آهي

هي رنگ رنگ بهارون هي آب آب اکيون
تضاد ڪيڏو ڏسان تـو الائي ڇـا آهـي

خلوص ۽ قرب جون ڳالهيون ٻڌي زماني ۾
مان دوستن ڏي ڏسان تـو الائي ڇا آهـي

ڪڏهن ڪڏهن تہ اي مجروح سوچٹو تـو پئي
مان ڪنهن جي سڪ ۾ جيان تـو الائي ڇا آهـي

اوهان جا ياڳَ اوهان لاءِ جنتون آهن
اسانجي راهہ ۾ حائل قيامتون آهن

هي ڪهڙي دور مان گذري پيو قافلو پنهنجو
صبح ۽ شام جون ساڳيون ئي صورتون آهن

وجي تہ ڪيڏانهن وجي پيار جو ڪٺل ماٺهو
قدم قدم تي حياتيءَ جون وحشتون آهن

سدا بهار هجن ڏک نہ زندگيءَ ۾ ڏسن
اُهي ئي جن جي نگاهن ۾ چاهتون آهن

لٽل لٽل تا ڏسون چهرا غم گسارن جا
اجا بہ ڪهڙيون اسان لئہ عقوبتون آهن

جي ڪنهن کي پيش ڪريون پاڻ شرمسار ٿيون
اسان جي جهولي ۾ مجروح تهمتون آهن

ڪراچي. ١٩٨٤ع

جڏهن جوڳي هتان رمي ويندا
توکي سُورن جي سڌ ڏئي ويندا

ڪانءَ ڏيندا ميار ماڻهن کي
سورَ صدما ستمر سهي ويندا

سڪ جي سُرهاڻ مُرڪ جا موتي
تنهنجي جهوليءَ ۾ سڀ وجهي ويندا

رڻ جا راهي ڪٿي ٿا رات رهن
لڪَ لنگهي لوڪ کان لڪي ويندا

پوءِ ايندا نہ جوُءَ ۾ جاني
آس جا سڀ ڏيا اُجهي ويندا

آهي دنيا سمونڊ سورن جو
ڪي ٻڏي ويندا، ڪي تري ويندا

دردَ تنهنجا هجن يا دنيا جا
ڏک ڏکن سان رِلي ملي ويندا

آهين مجروح ايڏو ڇو مايوس
رُت بدلبي تہ ڏک لهي ويندا

ڪراچي. ٢۴-٦-١٩٨۴ع

بس انهي سوچ ۾ سدا آهيان
ڪجهہ نہ آهيان تہ نيٺ ڇا آهيان

تون بهارن جو دلربا نغمو
آءٌ صحرا جي چڻ صدا آهيان

ڪيئن ڏسان لڙڪ اُن جي اکين ۾
جنهن جي هر مُرڪ تي فدا آهيان

مون کي ڳولهيندين کهڙي راهن تي
آءٌ رڻ جي تتي هوا آهيان

آءٌ پنهنجي وجود ۾ رهندي
پنهنجي ئي روح کان جدا آهيان

غم جو مجروح هي اثر آهي
اڄ زماني ۾ بي بها آهيان

ڪراچي. ٦-٣-١٩٨٨ع

نيهن اڙائي ويٺو آهيان
درد پِرائي ويٺو آهيان

دل جي پُراڻي ديوارن تي
زخمَ سجائي ويٺو آهيان

اُن جي زلفن جي خوشبوءَ سان
من مهڪائي ويٺو آهيان

واچوڙن جي واٽ سهي پر
جوت جلائي ويٺو آهيان

پاڇن پويان ڊڪندي ڊڪندي
پاڻ وڃائي ويٺو آهيان

آس جي هڪ هڪ مڪڙِي ميڙي
باغ بڻائي ويٺو آهيان

ڪير پيارينديءَ نانگن کي
ڏنگَ پرائي ويٺو آهيان

*بيخود *راز *گراميءَ جهڙا
دوست وڃائي ويٺو آهيان

چا تو ڪهري مجروح زمانو
گهر تہ لُٽائي ويٺو آهيان

ڪراچي. ٢١-١٠-١٩٨٨ع

---

* مرحوم ڊاڪٽر اسدالله شاه بيخود ٽڪڙائي- *راز بلڙائي *مولانا غلام محمد گرامي مرحوم

تنهنجي ويجهو جڏهن بہ آياسين
سورَ ويتر، وڏا پراياسين

توکي چڏيوسين خوش بهارن سان
حادثا پنهنجي سرِ وساياسين

وقت آيو تہ شاهڪار ٿيا
جيڪي لفظن جا چٽ بٺاياسين

پوءِ بہ مقروض آهيون يارن جا
هوندئن تہ ليکا سوين چڪاياسين

دل ۾ هيري ڪٽين جيان تا لهن
لڙڪ اکين ۾ جي لڪاياسين

ڪونہ ويٺاسون ڇانوَ ۾ تن جي
جي شجر شوق مان لڳاياسين

دل جي جذبن جي ترجماني لئہ
شعر مجروح جا ٺهڊاياسين

ڪراچي. ۴-۲-۱۹۸۷ع

اکين کي انتظار ٻہ هاڻي ڪتي رهيو
هو يار غمگسار ٻہ هاڻي ڪتي رهيو

بس تنهنجو قرب آهي تہ دنيا کي ڇا ڪبو
دل کي هي اعتبار ٻہ هاڻي ڪتي رهيو

جنهن جي زيان ۾ ٻہ هئو دل جو فائدو
سو غمَ جو ڪاروبار ٻہ هاڻي ڪتي رهيو

هر شام اُجهندو ٻرندو هئس جنهن جي آس ۾
اُن بت جو انتظار ٻہ هاڻي ڪتي رهيو

زلفن کي تنهنجي پيار جي وٽڪار تي چيم
مون کي سو اختيار ٻہ هاڻي ڪتي رهيو

راتين جو رول سڏبو هو جو تنهنجي شهر ۾
سو تنهنجو بيقرار ٻہ هاڻي ڪتي رهيو

هو محفلن جو مور ۽ يارن جو سدا يار
مجروح دلفگار ٻہ هاڻي ڪتي رهيو

ڪراچي. ١٣-٤-١٩٨٩ع

هيءَ تمنا تہ جيسين جڳ ۾ جيان
چنڊ تارن جي محفلن ۾ رهان

آهي پياسي هي درد جي ڌرتي
ساھہ سانوڻ هجي تہ خوب وسان

رنگ ۽ خوشبوءَ جا قافلا آڻي
تنهنجي راهن تي گل وڇائي ڇڏيان

منهنجي شعرن سان منهنجي پرک ٿئي
شل اکين سان اِهو مقام ڏسان

آس ٻٽجان اُداس اکين جي
ڪنهن کي مايوسين ۾ شل نہ ڏسان

تون ئي دل ۾ وسين تون اکين ۾
تون ئي چئو توکي ڪهڙو نانءُ ڏيان

دل ۾ اڪثر خيال ايندو آھہ
ڪير آهيان مان، ڪنهن کي پنهنجو چوان

چاهي سوَ ڏکَ هجن يا ڏورايا
توسان جڏهن ملان تہ مرڪي ملان

غم جي مجروح اُداس راتين ۾
ڪنهن جي قربت جي ٿڌڙي هير ڳهران

ڪراچي. ١٩٨۴ع

تون جڏھن ناز مان نھارين ٿو
چڻ تہ اونده ۾ ديپ ٻارين ٿو

ڪڏھن ڪڏھن ائين ٿو سوچيان ٿو
تون ستائين ٿو يا سنوارين ٿو

منھنجي غم کان ڇو بي خبر آھين
تون تہ دنيا جا درد ٽارين ٿو

دل جون راھون اُداس اُداس آھن
تون الائي ڪٿي گذارين ٿو

سونهن جا گيت ساز مان اُڀرن
تون جڏھن پيار مان پڪارين ٿو

با وفا آھي، بيوفا ڪونھي
پنھنجي مجروح کي وسارين ٿو

ڪراچي. ١٩٧٢ع

پيار جي ڪنهن ڪان بيک گهران
اهڙي موت ڪان اڳئي مران

تون تہ دکائي دور ٿئين
آءُ سمورو وقت ڀران

جيئندين ڪيئن تون مون ڪان پوءِ
روز انهيءَ جهوريءَ ۾ جهران

ڏور ڪنارا زور هوا
ٻانهون ٻڏل آءُ ڪيئن تران

واچوڙن جي واٽ وڇي
طوفانن جي اوٽ وران

توبہ نہ چاتو منهنجو حال
روز جيان ۽ روز مران

ڪراچي. ١٩٨١ع

هي شوق جو وهنوار اسان لاءِ تہ ڪونهي
ڳولهيون تا گهٽو پيار اسان لاءِ تہ ڪونهي

محسوس ائين درد جي اونده ۾ ٿئي ٿو
هي سونهن جو سنسار اسان لاءِ تہ ڪونهي

تون آهين سين ساڻ ۽ توساڻ زمانو
ڪو هڪڙو بہ غمخوار اسان لاءِ تہ ڪونهي

ڪراچي. ١٩٨١ع

ڪي دلفگار ماڻهو، ڪي بي قرارَ ماڻهو
مون کي عزيز آهن، هي باده خوار ماڻهو

مون کان خفا رهن ٿا، مون کان خفا ئي رهندا
ڪي نيڪ نام ماڻهو، ڪي ديندار ماڻهو

هرڪنهن ۾ ساهه آهي، هر ڪنهن کي پيار گهرجي
هن ڳالهه تان چڙن ٿا ڪي باوقار ماڻهو

جن پنهنجو گهر لٽائي، توکي بهار بخشي
هڪ اڌ جي ڳالهه ناهي، اهڙا هزار ماڻهو

ڪراچي، ١٩٨٠ع

سو رنج هجن پلجي تا وڃون
تنهنجي سونهن ڏسي سرچي تا وڃون

هڪ لڙڪ بڻي چلڪي تا پئون
هڪ آهه بڻي اُڏري تا وڃون

هر منزل تي هر محفل ۾
تنهنجو پيار کڻي پهچي تا وڃون

تنهنجي زلفن جي خوشبوءَ وانگر
جيڏانهن تو وٺي نڪري تا وڃون

بس قرب جو هڪڙو ٻول ٻڌي
پنهنجي قاتل سان پرچي تا وڃون

تنهنجون ڳالهيون ڳٽي توکي ياد ڪري
دنيا کان پري نڪري تا وڃون

مجروح متان رهزن ئي هجي
جنهن رهبر سان گڏجي تا وڃون

ڪراچي ١٩٦٥ع

ڪو رنج رنج نہ رهندو رڳو نهار ڪٽي
اي منهنجا دوست منهنجي زندگي سنوار ڪٽي

اُهي جي تنهنجي تمنا ڪي زندگي سمجهن
وڃن تہ ڪيڏانهن وڃن تهمتون هزار ڪٽي

نہ هئي بهار تہ اُميد هئي بهاريءَ جي
بهار آئي تہ ويتر وئي قرار ڪٽي

سدائين ساهہ سان سانديا مون تنهنجا سورَ ستم
ڪڏهن تہ پيار مان اي زندگي پڪار ڪٽي

انهي اُميد ۾ مجروح زندگي گذري
ڪڏهن تہ ايندو سڄڻ پاڻ سان بهار ڪٽي

ڪراچي. ١٩٦٥ع

اي زندگي سدائين سرابن کي ڇا ڪبو
هر رات صبح نور جي خوابن کي ڇا ڪبو

جن جا حسين پوش ڪلن منهنجي حال تي
اهڙي ستم ظريف ڪتابن کي ڇا ڪبو

هر ماڻهو پنهنجي سوچ جي پيڙا ۾ پيو ٻري
هر لحظي زخم زخم عذابن کي ڇا ڪبو

ڪراچي. ١٩٩١ع

ڪو دلنواز هو پنهنجو ڪو غمر گسار بہ هو
زمانو هو، جو زماني تي اعتبار بہ هو

اُهائي ياد منهنجي دل جي زندگي آهي
هوُ سازِ دل تي ڪڏهن منهنجي نغمہ بار بہ هو

اهوئي راز هو مجروح جي ڪفرو ايمان جو
هوُ نامراد هو ليڪن اُميدوار بہ هو

ڪراچي. ١٩٩١ع

پنهنجي ئي نغمن سان ويٺو پنهنجو من پرچائيان
دنيا ڪنهنجو سوز نہ سمجهي اُن کي ڇا سمجهائيان

ڪنهنجي خاطر اڄ تا ڇلڪن اکڙين جا پيمانا
ڪنهنجي غم ۾ دل تي ترپي کهڙا سورَ هڏايان

در در ڀٽڪان تنهائي جا دل ۾ داغ لڪائي
بيگانن جي بستي آهي، ڪوبہ نہ پنهنجو پائيان

منزل منزل ڳولهي ڳولهي آخر اکيون ٿڪيون
جيءَ ۾ وهاري جانب توکي جڳ ۾ جهاتيون پائيان

ٿڏڙي ٿڏڙي چاندوڪيءَ ۾ دل جا داغ تا جرڪن
مٺڙيون مٺڙيون ڳالهيون تنهنجيون ور ور ٿو ورجائيان

تنهنجي هن بي رنگ جهان ۾ ڪير هي رنگ ڀري ٿو
تون ئي ڪٿي ڇئو منهنجي عادت ناهي پاڻ پڏائيان

گيتن سان گلزار ڪندس مجروح اهو ويرانو
موج مچي مهراڻ ۾ اهڙو سک جو ساز وڄائيان

حيدرآباد. ١٩٦٣ع

منهنجي خلوص و شوق جو عالم ڏسي تہ وڃ
اي منهنجا دلنواز تون مون سان ملي تہ وڃ

هن دورِ ڪم نگاهي ۾ ڪيئن پيوگذاريان
هي رازمنهنجي حال جو مون کان پڇي تہ وڃ

جن سان اُداس روح ۾ ٽڙيو پون گلاب
تحفي ۾اهڙيون مهر جون مرڪون ڏئي تہ وڃ.

ڪراچي. ١٩٩٠ع

تنهنجي سک ٻان ساجن گهوري ڇڏي مون هرڪا تمنا هرڪا خوشي
تو صحرا صحرا سونهن ڏني، مون گلشن گلشن سڃ سٺي

مون پنهنجن وانگر پيار گهريو، تو ڌارين جهڙا درد ڏنا
تو قهر ڪيو يا مهر ڪئي، جا دل تي گذري گذري وئي

تون سانوڻ سانوڻ وسندو رهئين، هر بستيءَ تي ويراني تي
هڪ بوند بہ ڪهڙي ٿيندي آهہ، منهنجي دل جي ڌرتيءَ ڪانہ ڏٺي

آءٌ ساگر ساگر رلندو رهيس، آءٌ پربت پربت هلندو رهيس
مان ٻڏندو ترندو وڏندو رهيس، پر سک جي منزل ڪانہ ملي

تنهنجي اکڙين جي پيمانن ۾، تنهنجي مُرڪ جي هر مستيءَ کي پري
مان کِلندو پيئندو جيئندو رهيس، پر اُڃ اندر جي ڪانہ لٿي

تو ڏک جي ڪاري راتين ۾، ويتر جو ڇوڙي وار ڇڏيا
مون ديپ جلايا جذبن جا، تنهنجي وارن جي سُرهاڻ وٺي

تنهنجي سونهن ۾ سوپيا مکڙين جي، تون آس اُجايل اکڙين جي
تنهنجي چاهت ۾ راحت بہ گهٽي، پر چاهت آ هيري جي ڪٽي

هن دنيا ۾ ديوانن جي هيءَ رونق روز ۽ شب رهندي
ڪي ايندا تنهنجو پيار ڪٿي، ڪي ويندا دل جو ڏان ڏئي

مجروح تہ آهي جوڳيئڙو هن جيون جي جنسارن ۾
ڪو پيار ڏئي يا پاراتو، هي ويندو پنهنجي واٽ وٺي

ڪراچي. ١٩٧٠ع

روح زخمي ۾ مان لڇي نہ سگهان
لفظ لب تي اچن ڪُڇي نہ سگهان

منهنجا ساٿي اُداس اکين سان
ڪهڙي منزل ويا پُڇي نہ سگهان

فائدو ڪهڙو پوءِ حياتيءَ جو
جي تنهنجي راهہ ۾ مري نہ سگهان

ڪجهہ بہ آهي سا زندگي ناهي
هٿ قلم تي وڄن لکي نہ سگهان

ڏاڍا گهرا فريب جا ڦندا
جي هٽايان قدم هٽي نہ سگهان

آهي اوندهہ جي بس اِها مرضي
صبح جي روشني ڏسي نہ سگهان

ڪراچي. ١٩٨٤ع

تون آن چوڏهينءَ جي چانڊاڻ
تون چو ترسين ڪنهنجي ڪاڻ

ريزو ريزو آهي رڻ
قطرو قطرو آهہ مهراڻ

ڪنهنجي ڪنهنجي سونهن ڳٽايان
هيءَ ڌرتي آ هيرن ڪاڻ

پاڻ پيان يا توکي آڇيان
وهہ ڪٽورو آهي جاڻ

پنهنجي ڏکن کي پاڻ نہ جاڻئي
هونئن تہ گھٽو ئي آهين سڄاڻ

ڌولڌہ سانوڻ جو آ سنيهو
منهنجي اکين جي آلاڻ

حق تہ گلن جو آهي ليڪن
توکي سونهين ٿي سرهاڻ

توکي گھرجن رنگ گلن جا
منهنجي چهري تي هيڊاڻ

ڪراچي. ١٩٨١ع

گذري ڪيئي سال ويا
ساڳيا آهن نيهن نشا

چانڊوڪيءَ سان چاهه رکي
اونده جا مون گهاءُ سٺا

ڪيئي پهتا پار پرين جي
ڪيئي هيڙا هار ٻڏا

رات جي اونده ۾ تا جاڳن
پورَ پراڻن ساٿين جا

ڪيئي ماڻهو هن ڌرتيءَ تي
جيءَ جي جوت جلائي ويا

گيت غزل يا ڪافي بيت
موتيءَ موتيءَ سونهن جدا

خوشبو خوشبو سان نه ملي
مکڙيءَ مکڙيءَ مهڪ جدا

حرف حرف ۾ آهي تقدس
لفظ لفظ ۾ نيهن ندا

منهنجي شعرن مان ئي ليندا
تنهنجا منهنجا پار پتا

ڪراچي. ١٩٨١ع

ڪيڏا ڪٽي بهار ۾ غنچا ٽڙيا هجن
گهرا جي هجن گهاءُ ته ڳوڙا ڳڙيون پون

پنهنجي ڏکن جو پاڻ سان به ذڪر ڪونه ڪن
سوچيان ٿو ڪهڙي حال ۾ انسان پيا جيئن

پنهنجو چيوسين جن کي سي پنهنجا نه ٿي سگهيا
ڏس ڪيئن گلن جي ويس ۾ شعلا پيا رقص ڪن

ڪراچي. ١٩٨٦ع

هڪ قيد آهي جنهن مان رها تي نٿو سگهي
ماڻهو مصيبتن کان جدا تي نٿو سگهي

سينگار پهرين شعر کي جذبي جي سونهن سان
حسنِ بيان سان تنهنجي پوءِ چا تي نٿو سگهي

نہ سگهہ ستم سهڻ جي نہ بخشش جو حوصلو
انسان کنهن بہ طور خدا تي نٿو سگهي

هُن جي نگاهِ ناز جون ڪيئي عنايتون
قربان ٿي بہ قرض ادا تي نٿو سگهي

اُن زلفِ عنبرين ۾ تہ راحت آ روح جي
جيڪو اسير ٿيو سو رِها تي نٿو سگهي

ڪراچي. ١٩٨٥ع

جيئن رات جي خاموشي ۾ ڪو ساز وڄي ٿو
تيئن روح مان اُڀري تنهنجو آواز اچي ٿو

اهڙو تہ اڳي ڪونہ هو هن بزم جو ماحول
ڪو جام پيو ڇلڪائي تہ ڪو لڙڪ پئي ٿو

ڪا باک جڏهن ماڪ جي موتيءَ کي چمي ٿي
هن دل ۾ تنهنجي ياد جو ڪو زخم ٽڙي ٿو

بدلي ۾ وفائن جي ملي ٿو تہ پيون ٿا
نہ تہ زهر بہ ڪو منهنجا سڄڻ مرڪي پئي ٿو

شايد اهو بہ آهي ڪو انداز جفا جو
هر شخص مون کان تنهنجو ئي احوال پڇي ٿو

اُن وقت تنهنجي سونهن ٿي لفظن ۾ سمائي
ڪو شعر جڏهن سوچ جي ڪوري ۾ پڇي ٿو

ڪراچي ١٩٧٣ع

ڪيترن پيارن جا صدما ڪيترن يارن جا غم
منهنجي قسمت ۾ لکيل ها پنهنجي غمخوارن جا غمَ

ڪيترين اکين ۾ آهن اڄ بہ ڳوڙها درد جا
ڪيترين دلين ۾ آهن اڄ بہ دلدارن جا غمَ

نيڻ پرجي ٿا اچن، پيمانا ڇلڪي ٿا پون
ياد ٿا جنهن دم اچن ديرينہ ميخوارن جا غمَ

سونهن جي سڪ ۾ جيئڻ آهي اسان جي زندگي
ڏينهن جو ڪرڻ جا قصا رات ۾ تارن جا غمَ

مرڪ سان ماري نظر سان زندگي بخشيو وڃن
پاڻ سانديندا وتون اهڙن ستم گارن جا غمَ

دوست سڀ مجروح کي اڄ تهمتون ڏيندا وتن
شل نہ هيئن رسوا ٿين تنهنجي گنهگارن جا غم

ڪراچي ١٩٦٥ع

دور گذريا وري اچي نہ سگھيا
دوست وڇڙيا تہ پوءِ ملي نہ سگھيا

زندگي سونهن جو سفر آهي
پيار جا پيچرا ڪٽي نہ سگھيا

تنهنجي زلفن جي اوٽ ۾ ها لڪل
وقت جا حادثا ٽري نہ سگھيا

تنهنجي اکين مان مستيون ڇلڪن
منهنجي اکين جا ڏک لهي نہ سگھيا

اُن ڪي بستي چوان يا ويرانو
جت ڪنول قرب جا ٽڙي نہ سگھيا

روح ۾ ڪهڙا درد ڏارين ٿو
دوست مجروح ڪان پڇي نہ سگھيا

ڪراچي. ١٩٦٦ع

نفرتن جا جسم آهن، چاهتن جي ويس ۾
لٽجي ويندا سادا ماڻهو مخلصن جي ويس ۾

ماٺ کي تون سانت سمجهين ٿو تہ تنهنجي آهي ڀل
مون ڏٺا طوفان ڪيئي خاموشين جي ويس ۾

ماڻهو ماڻهو کان پري، ڏاڍو پري ٿيندو وڃي
فاصلا وڌندا وڃن ٿا قربتن جي ويس ۾

سونهن سان وينا سجائي هُو تہ دلبن جا دڪان
شهر ۾ دشمن رهن ٿا دوستن جي ويس ۾

سر فروشن جي ڪهاڻين ۾ اهو پڻ آهہ لکيل
ڪيترا جلاد آيا منصفن جي ويس ۾

مُرڪ سان جي من جي اوندهہ ۾ ڏيا ٻاريو ڇڏين
اڄ بہ آهن ڪي مسيحا گل رخن جي ويس ۾

قلب ۾ ڪُلفت لڪل ۽ ڪن وفا جون ڳالهيون
ماربا مجروح پارا، مخلصن جي ويس ۾

ڪراچي. ١٩٧٩ع

دل ڏکن سان ڪليو تي ڪينڪاري
پاڻ سان منهنجي عمر تي ڳاري

ڪجهہ زماني جو ٻُڻ ڪرم آهي
خالي تنهنجو ستم نٿو ماري

وينا آهيون متاع شوق ڪٽي
پيار سان داغ دل جا سينگاري

دل کي تنهنجي آس بہ کونهي
پوءِ بہ تنهنجي راھہ ڏسان ٿو

نغمن جي وٺڪار ڪان اڳتي
دردن جي اوڙاھہ ڏسان ٿو

صدقي تنهنجي راھبري تان
هر ماڻهو گمراھہ ڏسان ٿو

باھہ جو بادل برسيو هوندو
راھ ۾ ڪاٺل گاھہ ڏسان ٿو

ڪراچي. ١٩٧٨ع

زور لهرن جو ڏسڻ گهربو هو
پار دريا جي وچڻ گهربو هو

ڇهري ڇهري تي ڏک لکيل آهن
ماٺهو ماٺهوءَ کي پڙهڻ گهربو هو

ڪوڙ پڌرو ٿئي نہ ڳالهين مان
توکي هي فن بہ سکڻ گهربو هو

شهر جهنگل کان ڪجه پري ناهي
منهنجو گهر توکي ڏسڻ گهربو هو

ڪجه شڪايت ۽ ڪجه محبت هئي
شعر مجروح جو ٻڌڻ گهربو هو

ڪراچي. ١٩٨٠ع

سدائين هڪ نئون فتنو پيو اُتاريندو
هي تنهنجو حسن اسان کي ڪٺي سنواريندو

اسان ڪان پوءِ ٻيا ايندا مُرڪي مقتل ۾
اوهان جو زهرِ ستم ڪيترن کي ماريندو

اسان تہ عمر گذاري ڏکن جي اوندهہ ۾
ڪو انجمن ۾ اوهانجي ڏيو بہ ٻاريندو

اسان تہ زهر کي انعام سمجهي پي ٿا سگهون
مگر هي شرط تہ مُرڪي سڄڻ پياريندو

ڪراچي. ١٩٦٩ع

ڪوبہ نہ سمجھي روح جو راز
آهي حياتي سونهن جو ساز

منهنجي گيتن ڪي گهرجي تو
تنهنجو من مٺڙو آواز

تنهنجي اکڙين ۾ تو چمڪي
منهنجي نماڻي نيهن جو راز

ايئن تو تون هينئڙي مان اُيرين
ساز مان جيئن نڪري آواز

ڪراچي. ١٩٨٢ع

اسان هر نظر ۾ محبت سچاتي
اسان زندگيءَ جي حقيقت سچاتي

زماني ڪڏهن ڪنهنجي عظمت سچاتي
اسان پاڻ ئي پنهنجي قيمت سچاتي

نہ دنيا سچاتي نہ دولت سچاتي
رڳو زخم کائي محبت سچاتي

ڏکن کي تہ ساندي سنڀالي رکيوسين
اسان پنهنجي دل جي ضرورت سچاتي

ڪڏهن دلربائي ڪڏهن بيوفائي
اسان تنهنجي اکين جي عادت سچاتي

اسان ماٺهو ماٺهوءَ جي مٽيا کي پرکيو
اسان سونهن وارن جي صورت سچاتي

ڪراچي. ١٩٧٢ع

جنهن ۾ سخن جو شعلو بہ هاڻي نٿو دکي
منهنجو وجود برف جڻ بڻجي ويو هجي

دنيا جو جبر آهي يا منهنجي ئي بيوسي
نہ تہ ڪيرپهڻ بڻجي ٿو زنده رهي سگهي

ها روح ۾ ڪرڻ ٿا اچا آس جا گلاب
دورِ خزان ڪي چئو نہ منهنجي روبرو اچي

تنهنجي نظر جا ناز ها ڪيڏا نہ دلنواز
مون کان اُهو زمانو تہ وسري نٿو سگهي

شرمائي ٿو، تہ اُن ڪي متان ڪا ڏيان ميار
انهي ڪري تہ حال منهنجو ڪونہ ٿو پڇي

سانوڻ هزار آيا پر ساڳي اتم اُسات
ڪا بوند دل جي ڏرتيءَ تي يارو نٿي وسي

مجروح ڪيئن آهي، لکي ٿو، نٿو لکي
مون کان پڇي ئي ڪونہ ٿو دنيا کان ٿو پڇي

ڪراچي ٢٨-١١-١٩٨٩ع

بيشڪ تہ مصلحت جا سندن فيصلا هئا
مون کي ڏنائون ڏوهہ پر ماٺهو ڀلا هئا

ڪي منهنجا غمگسار ڪي زاهد ۽ پارسا
جاچيم تہ تنهنجي عشق ۾ سڀ مبتلا هئا

پهتا حضورِ وقت ۾ تہ معتبر ٿيا
جيڪي بہ منهنجي شهر اندر چلولا هئا

جن حسن سان حياتي جا صدما سنواريا
دل ۾ ڪي اهڙا سونهن ڀريا سلسلا هئا

هر حادثي ڪي، واٽ جي ٿـي لاٽ سڏيوسين
مجروح پنهنجي دل جا عجب حوصلا هئا

ڪراچي. ٥-٦-٨٢

جيون جون اونداهيون راهون آهُ اڪيلو
ويون اُجڙجي پيار پناهون آهُ اڪيلو

دشمن سڀ بي مهر نگاهون آهُ اڪيلو
ويتر ظلم جون قهري ڪاهون آهُ اڪيلو

رات- صليب ۽ مرده ٻانهون آهُ اڪيلو
ٻڌي سگهين تہ ٻڌ هي دانهون آهُ اڪيلو

٩-٤-٨٦ع

جي کهري سر سجڻ ڏئي ڇڏجي
باب تاريخ ۾ لکي ڇڏجي

جي وٺي تو تہ اُن جو قرض آهي
وقت کي ساهہ سر ڏئي ڇڏجي

رات ڪان من منجهيل منجهيل آهي
ڪو غزل ئي سهي چئي ڇڏجي

محب ملندو نہ آس ئي پڇندي
آهي بهتر تہ بيخودي ڇڏجي

هرڻ حيران تي ڏسن اُن کي
اُن جي اکين تي ڪجهہ چئي ڇڏجي

ڪهڙو نانگن جو ڪم گلابن سان
زلف آواره کي ٻَڌي ڇڏجي

دل ڏئي پر نہ سر ڏئي جاٺي
اهڙي عاشق کي بس ڪهي ڇڏجي

اُت اي مجروح دير تي ويندي
ميلو آهي متل کِلي ڇڏجي

ڪراچي. ٢٩-٩-٨٨ع

منهنجو انداز پراڻو ڪونهي
جو نہ سمجهي سو سياڻو ڪونهي

سامهون طوفان آهي مشڪل جو
پنهنجي دنگيءَ ۾ تہ داڻو ڪونهي

وقت جي ڪاڪ جا ڏسي فتنا
جيڪو موتي اُهو راڻو ڪونهي

ماڻهو مجبور ٿيو تہ ڏک آهن
نيهن ڪنهنجو بہ نماڻو ڪونهي

پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجي وستيءَ ۾
ڇا چوان پنهنجو ٺڪاڻو ڪونهي

رات اوندهہ سان خوش رهي پنهنجي
صبح جو نور اُجهاڻو ڪونهي

تنهنجو ايمان وڪيو سون مٿل
ڪفر منهنجو سو وڪاڻو ڪونهي

ڪيسين مجروح پيڙهبو ماڻهو
زندگي ظلم جو گهاڻو ڪونهي

ڪراچي. ٥-٢-٨٧

اجايو ايڏو نہ مايوس دوستو سمجهو
اجا تہ آهي حياتيءَ جي حسن ۾ حصو

اجا بہ رنگ وٽن تا اکين کي مکڙين جا
اجا بہ آهي بهارن سان روح جو رشتو

هينئر تہ خير نتا منهنجو کو خيال ڪريو
مري وڃان تہ اجائي نہ هاءِ هاءِ ڪجو

گذاريان ڪيئن پيو حياتي متان کو حال ڪريان
انهي ڪري تہ هو مُرڪي ڪڏهن ملي ئي نٿو

مان پنهنجي شهر، پنهنجي ڳوٺ، پنهنجي وستيءَ ۾
اڪيلو رهجي ويو آهيان منهنجو حال ڏسو

سخن جي ذات مان ڪنهنکي تو ڪهڙو فيض ملي
ڏسڻ تا چاهيو تہ مجروح جو مثال وٺو

۲۸-۳-۸۴ع
ڪراچي

گلن جا رنگ تہ ساڳيا ئي خوشنما آهن
رڳو نگاهہ جا انداز بدليا آهن

اڃا بہ ياد رهن تا سخن شناسن کي
ہے شعرَ چاهہ ۾ جي، تنهنجي مون چيا آهن

ڏسي بهار ۾ تنهنجي لبن جي لاليءَ کي
سوين گلابَ منهنجي روح ۾ ٽڙيا آهن

ٻري وڃڻ جون ٿو ڳالهيون ڪرين سڄڻ منهنجا
اڃا تہ مس وڃي هي لڙڪَ ڪجھ سُڪا آهن

متان زماني کي تن ۾ ڪڏهن ڪرين شامل
ستم تو جيڪي بہ مون لاءِ سوچيا آهن

اڃا سي پيار جون چانڊوڪيون نٿيون وسرن
مڃان ٿو تو سان مليئي سال ٿي ويا آهن

ڪڏهن جي پيئندا ها مجروح ساڻ گڏ ويهي
سي شهر پنهنجي ۾ اڄ برک پارسا آهن

ڪراچي. ١٦-٦-٨٩ع

اهڙا حسين ماڻهو هن ديس ۾ رهن ٿا
نغمن جا گل ٽڙن ٿا مُرڪي جڏهن ملن ٿا

ڪي ماڻهو زنده هوندي به در گور ٿي وڃن ٿا
ڪي ماڻهو موت کان پوءِ به زنده سدا رهن ٿا

آهي مرڻ جيئڻ جو معيار ئي ٻيو ڪو
هي سودو سولو ناهي، سر نذر ٿي وڃن ٿا

ماڻهو ته ٿيا مسافر آيا مليا لڏي ويا
دنيا جا درد ليڪن دنيا ۾ ئي رهن ٿا

ڏسندين وري نه پيارا، راهن تي زندگيءَ جي
مجروح جهڙا ماڻهو صدين ۾ ئي اچن ٿا

ڪراچي. ١٩٧٧ع

زندگي تنهنجو مون چيو نه ڪيو
دل جي ڳالهين ۾ سڀ وڃائي ڇڏيو

گسن تي گاھہ تيا، گل قتا تہ چا تي پيو
اسان کان پوءِ جي مينھڙا وٺا تہ چا تي پيو

اسان کي پار پرين جي تہ نيٺ وڃڻو آھہ
ڪنارو ڏور مخالف ھوا تہ چا تي پيو

اسان سچائي کي سينگاري آندو شعرن ۾
انھيءَ تي دوست ڪي آھن خفا تہ چا تي پيو

نہ ڪنھن تي ھاڄھہ، نہ ڪنھن تي ڪرم، نہ ڪنھن تي عطا
ھُو پنھنجي زُعم ۾ بڻيو خدا تہ چا تي پيو

ھُو مھربان آ سمجھي تو دل جي جذبن کي
ڪڏھن ڪري بہ ڇڏي سون خطا تہ چا تي پيو

اِھا تہ حسن جي فطرت آ، ان جو غم ڪھڙو
نہ تي سگھي ڪڏھن اُن کان وفا تہ چا تي پيو

غزل چوڻ جي تہ مجروح کي ڪا ذات آھي
زمانو داد نہ ڏيندو ڀلا تہ چا تي پيو

ڪراچي. ٢-٧-١٩٨٤ع

هر ستم هر جفا روا آهي
زندگي آهي يا سزا آهي

بستي بستيءَ ۾ پيار تي پهرو
ماڻهو ماڻهوءَ کان ڇڻ خفا آهي

وئي بدلجي هوا زماني جي
دردمندن جو بس خدا آهي

نغمئہِ شوق کان فغان تائين
منهنجي جذبن جي ارتقا آهي

جيئن ڪا صحرا ۾ ڪونج ڪرلائي
اهڙي مجروح جي صدا آهي

زهر جو ڍُڪ ئي ڏيو ها يارو
منهنجا همدرد ٿيو ها يارو

پوءِ نہ اوندھہ بہ اچي ها ويجهو
پنهنجي جذبن سان جيو ها يارو

شهر ۾ شور هو قيامت جو
ڪجهہ تہ بيدار ٿيو ها يارو

اُن جي محفل ۾ باريابيءَ لئہ
مون کي الزام ڏيو ها يارو

مون کي سڏيو ها رول راتين جو
سُرخرو ڪجهہ تہ ٿيو ها يارو

ڪراچي، ١٩٩٠ع

چهري تي ڪجهہ محبتون ڪجهہ وحشتون سجائي
هڪ شخص آهہ جو جانبِ صحرا پيو اچي

جهوليون ڀريو گلن سان ۽ تي با ادب بيهو
هن شهر ۾ هو حسن سراپا پيو اچي

آيو مليو ٻين سان ۽ موتي هليو ويو
آءٌ دل ۾ خوش تہ منهنجو مسيحا پيو اچي

ڪراچي. ١٩٨٥ع

مجبورين ۾ لڙڪ وهائي نتو سگهان
اي زندگي مان توکي لڄائي نتو سگهان

آهي انهن ۾ نور تنهنجي چشمِ ناز جو
تارن سان دل جا داغ مَــٽائي نتو سگهان

تنهنجي طلب نہ تنهنجي تمنا نہ تنهنجي ياد
هي ڪهڙو دور آهي ٻڌائي نتو سگهان

تون ئي ٻڌاءِ اي غمِ دنيا مان ڇا ڪريان
توکان تہ پنهنجو پاند ڇڏائي نتو سگهان

گذري ويا جي قربت علوي* ۾ ڏينهڙا
اي گردشِ زمانا ورائي نتو سگهان

مجروح اهلِ درد جون مجبوريون تہ ڏس
توکي بہ پنهنجو حال ٻڌائي نتو سگهان

حيدرآباد. ١٩٦٢ع

* مير شفيع احمد علوي اوچ شڪارپوري مرحوم منهنجو مهربان ۽ مخلص دوست

بس رهڻو حوصلو هجي دل جو
رخ بدلجي سگهي ٿو مشڪل جو

هرڪو بيگانو، هرڪو ديوانو
هي ڏٺم رنگ تنهنجي محفل جو

ڪير ٿو ماري مرڪي مقتل ۾
هي بہ احسان منهنجي قاتل جو

شور طوفان جو اچي پهتو
مون نظارو ڪيو پئي ساحل جو

ڪراچي. ١٩٨٩ع

تنهنجو غم آهي ڇڻ خوشي صدقي
توتان صدقي اي زندگي صدقي

ڪنهن کي منزل تہ ياد ئي ڪونهي
تنهنجو اندازِ رهبري صدقي

آءُ تنها بہ آهيان هڪ محفل
اي طبيعت جي روشني صدقي

بي رخي، سابہ دلفگارن سان
واهہ تنهنجي هي بي رخي صدقي

ڪراچي. ١٩٤٩ع

جيڪي دل تي وهي سو نہ دهرائجي
دوستن کي اجٰيو چو شرمائجي

سونهن جون ان جي هرڪنهن سان ڳالهيون ڪري
حسن اُن جو نہ دنيا کان نظرائجي

ڪنهن سان ليکو نہ پنهنجي وفا جو ڪجي
ريت اهل محبت جي ورجائجي

متان دل جو ڪو گهاءُ اُيري پوي
نہ اکين کي اکين سان ٽڪرائجي

ڪراچي. ١٩٨٠ع

فخر آهي گردش تي آسمان کي دوستو
آزمايون چو نہ شوقِ بيڪران کي دوستو

هيئن نہ آزاريو هجومِ عاشقان کي دوستو
دل سان دهرايو حديثِ دلبران کي دوستو

وقت جي اونداهي ڪُنَ مان ڪا صدا ايندي ضرور
ظلم بخشي تو زبان هر بي زبان کي دوستو

سر جو سودو هو، ڪري پهتس وجي پريان جي پار
مشڪلن آسان ڪيو، هر امتحان کي دوستو

ڪنهن بہ لحظي بي خبر ڌرتيءَ کي ڌوڏي تو سگهي
ڪجھ تہ سمجهو وقت جي آتش فشان کي دوستو

جيئن اچي هر شعر مان سُرهاڻ ان جي زلف جي
دلڪشي اهڙي ڏجي طرزِ بيان کي دوستو

اڄ غزلخوان آهي مجروحِ محبت بزم ۾
ڪا خبر پهچايو يارِ قدردان کي دوستو

ڪراچي. ٦-١١-١٩٨٦ع

اهو غم ئي آهي متاع دل جي چئين تہ توتان فدا ڪريان
هونئن هيو تہ ڪجھ نہ ڪري سگهيس ائين تنهنجو حق ئي ادا ڪريان

تو جو حال منهنجي تي مرڪيو، ٿيو ساهہ ۾ منهنجي سوجهرو
هاڻي آهي دل جو هي فيصلو، تہ پيو عرض حال سدا ڪريان

هُو جو واٽ ويندي ملي وڃي، ڪو نئون گلاب ٽڙي پئي
ڪو نئون خيال اچي وڃي، جو غزل ۾ پنهنجي ادا ڪريان

هو تہ منهنجي دل جي زبان آهہ، منهنجو روح آهہ منهنجي جان آهہ،
۽ عشق جو منهنجي مان آ، پوءِ ان جي ڪيئن آءٌ گلا ڪريان

ڪراچي. ١٩٨١ع

ڌرتيءَ تي نئون درد جو وھنوار پيو لڳي
ھر ماڻھو منجھ روح جي بيمار پيو لڳي

ناھي اڱڻ اڱڻ تي اُھا قرب جي تنوار
بي رنگ ڪيڏو صبح جو سينگار پيو لڳي

ڪراچي، ١٩٨٨ع

جنهن سان سونهن بهار جون ڳالهيون
سو سڄڻ همنشين آٽيان ڪٿان

پنهنجي ڌرتي ٻه مون تي تنگ آهي
پوءِ غزل لئه زمين آٽيان ڪٿان

ڪراچي. ١٩٨٨ع

هاڻي چاتي سوچين اي دل، جيڪي ٿيٽو هوندو ٿيندو
ڪجھ تہ گذري ويئي حياتي، باقي وقت بہ گذري ويندو

لحظو لحظو مون تہ گذاريو، ايندڙ رت جي آس رکي
وقت الائي چا پيو سوچي، نيهن نياپو ڏيندو نہ ڏيندو

پيار جون ٽڌڙيون چانڊوڪيون، هيئن ويندين من اونداهو ڪري
ڪنهن تي چاتو ڏسندي ڏسندي تير ڪمان مان نڪري ويندو

چاهت اُن جي چهري جي،اکڙين، جي ڪشش مکڙين جي مهڪ
جنهن دل جي اها دولت هوندي، تنهن دل کي ڀيو ڪو چا ڏيندو

ڪنهن طور سدائين گڏ هوندو، هي پنهنجن منڙن پيارن سان
پيا ٻول سندس ٻڌبا رهبا، مجروح نہ هوندو چا ٿيندو

ڪراچي. ١٤-١-١٩٨٨ع

جيڪو گلن کي رنگ ۽ خوشبو عطا ڪري
مجروح اُن جي ناتءُ سان تو ابتدا ڪري

مجبورين جي باهہ ۾ يا مَن جي چاهہ ۾
ماڻهوءَ جو چاهي ماڻهو تو اڪثر خطا ڪري

هر جذبو جوت ٻڻجي سگهي ٿو جهان ۾
پهرين ڪو پنهنجو روح اُجاري صفا ڪري

چڏيان اجا بہ ڪونہ ٿو مان اُن جي آرزو
چاهيان ٿو هو اجا بہ ڪا مون سان جفا ڪري

دل ٿي چئي تہ روز هجن اهڙيون محفلون
هو منهنجي روبرو ويهي منهنجي گِلا ڪري

اُجهيو وڃن ٿا جڏهن سڀ اُميد جا ڏيا
هٿڙا کڻي تڏهن ئي ٿو ماڻهو دعا ڪري

مدت کان جنهن جي آس ۾ آهي اکڻ اداس
سو يار بي مثال اچي شل خدا ڪري

ان جي گهِٽيءَ ۾ اهڙا بہ ماڻيم مشاهدا
ڪو گهر لٽائي پيو تہ ڪو سر پيو فدا ڪري

ڪراچي. ٢٨-٩-١٩٨٥ع

سامهون تنهنجي صورت گهرجي، هيو چا گهرجي دل وارن کي
دل کي پيار جي دولت گهرجي، هيو چا گهرجي دل وارن کي

سهڻا رنگ رسيلا گهرجن، روز ملڻ جا حيلا گهرجن
سُر ۾ سونهن جي سنگت گهرجي، هيو چا گهرجي دل وارن کي

دل سان دل جو چاهه وڌائي، ڏک مان سک جي راهه ٻڌائي
من ۾ اهڙي محبت گهرجي، هيو چا گهرجي دل وارن کي

اڄ ٻه اِهي ڪينجهر جا ڪنارا، سارين تاڪي نيهن نظارا
نوريءَ واري نئڙت گهرجي، هيو چا گهرجي دل وارن کي

ڪراچي، ١٩٨٩ع

رات کي ڏينهن نہ چئبو سائين
ماڪ کي مينهن نہ چئبو سائين

مصلحت جي گهري جو مام سدا
سو سچو نيهن نہ چئبو سائين

ڪراچي، ١٩٨٩ع

پوءِ حسن جو چا عالم ٿيندو، پوءِ قرب جو ڪهڙو ڪم رهندو
دنيا جو اسان کي غم ڪهڙو، دنيا کي اسانجو غم رهندو

هي پيار جي جذبن جي دولت، ملندي ته اسان وٽ ئي ملندي
مايوس ڏکويل ماڻهن لئه درمان اسانجو دم رهندو

هُو مرڪي پياري يا ڪُرڪي، هو ساغر پياري يا سُرڪي
هي زهر ته پيئندا رهنداسين جيسين به اسانجو دم رهندو

مون مُرڪ گهري تو لڙڪ ڏنا، مون قرب گهريو تو دور ڪيو
هي زخم کٽي متجي به وڃي هي داغ ته بيش وڪم رهندو

مجروح ڏکن جي دنيا ۾ غمخوار تون ڪهڙا ڳولهين تو
هي خواب نه پورو ٿيڻو آهه. هر وقت اجايو غم رهندو

ڪراچي، ١٩٦٥ع

قدم قدم تي اُميدن جا ديپَ ٻاريون ٿا
انڌيري رات ۾ توکي پرين پڪاريون ٿا

متان اکين مان ٻه دل جي ڏکن جو راز کلي
نظر اُداس سهي پر کِلي نهاريون ٿا

اُنهيءَ جي آس ۾ جنهن غم ڏئي وساري ڇڏيو
گذارڻي ٿي پئي زندگي گذاريون ٿا

اها ئي آهي اي مجروح پيار جي قسمت
وفا ڪريون ٿا جفائن جا غم وساريون ٿا

ڪراچي. ١٩٧٢ع

آءٌ تُنهنجو تہ زمانو تُنهنجو
هي سڄو شهر ديوانو تنهنجو

مون وٽ هڪ لڙڪ بہ ناهي باقي
تنهنجي هر مُرڪ خزانو تنهنجو

تون تہ معصوم اصل ڪان آهين
پوءِ بہ هر شخص نشانو تنهنجو

هونئن تہ مجروح ڪي غم ئي ڪونهي
هِن ڪي ماري ٿو بهانو تنهنجو

ڪراچي. ١٩٨٠ع

لڙڪ بڻجي بہ وهي ڪونہ سگهيا
خواب اکين ۾ لڪي ڪونہ سگهيا

فاصلا قربتن کي کائي ويا
ماڻهو ماڻهن سان هلي ڪونہ سگهيا

غم جو دارو نہ پيارجو مرهم
زخم ڳالهين سان چڻي ڪونہ سگهيا

ڏاڍا مصروف ها سڄڻ منهنجا
مون کان احوال پڇي ڪونہ سگهيا

اڄ بہ اُيرن پيا موج موج بڻي
تنهنجا ٻوڙيل تہ ٻڏي ڪونہ سگهيا

ڪراچي. ١٩٨١ع

هاڻي ساقي جي نہ ساغر جي ڪا پروا آهي
تنهنجي اکين ۾ منهنجي شوق جي دنيا آهي

حسن ئي حسن سڄڻ منهنجو سراپا آهي
درد ئي درد مگر اُن جي تمنا آهي

ڪنهن ڪان نفرت نہ عداوت نہ شڪايت ڪائي
پنهنجي دنيا تہ فقط پيار جي دنيا آهي

تون تہ مرڪين تہ بهارن جا سنيها تا اچن
تون خفا آهين تہ جڻ زندگي صحرا آهي

منهنجا جذبا بہ نئين رنگ ۾ روشن ٿيندا
تنهنجي جلون ۾ ڪٿي نور جي ورڪا آهي

هاڻ انداز جفائن جا بدلبا تا وڃن
تنهنجي ديواني جي تقدير ۾ ڇا ڇا آهي

تنهنجو شاعر تنهنجو ديوانو تنهنجو شيدائي
تنهنجو مجروح سڄي شهر ۾ رُسوا آهي

ڪراچي. ١٩٦٥ع

اَءُ ڏاڍو ڪوڙو آهيان
ڏايا ڪُوڙا شعر لکان ٿو

ان ڪان وڌ هيو ڪوڙ ٻہ ڪهڙو
توکي پنهنجو دوست چوان ٿو

لفظن کي جذبن سان سجائي
ديوارن کان داد گهران ٿو

آرسيون اَچيان ٿو انڌن کي
ٻوڙن اَڏو بيت چوان ٿو

دل ۾ لڪائي دل جي پيڙا
چو واٽيءَ تي ٿهڪ ڏيان ٿو

ويهي ڏکن جي ويرانن ۾
شوخ گلن جا گيت لکان ٿو

ڪنهن کي ڇولهيان ٿو راهن تي
ڪنهنجي الائي آس رکان ٿو

اوندهہ جي اوڙاهہ ۾ رهندي
چانڊوڪيءَ سان چاهہ رکان ٿو

مجروح اِها پڻ ذات ئي چئبي
ڪلندي ڪلندي زهر پيان ٿو

ڪراچي. ١٩٨٨ع

هيءَ واٽ تہ آهي ويراڳين جي
جنم جنم جي جوڳيئڙن جي
جنهن راهہ تي اَءُ ويٺو آهيان
ايندڙ رُت جا خواب ڪٽي

ڪراچي. ١٩٨٤ع

هي ڏسندي ڏسندي زماني ۾ ڇا جو ڇا ٿي پيو
ڪڏهن جو يار هو پنهنجو سو اڄ خدا ٿي پيو

اُهو جو ايندو هو مون لئہ خوشين جا خواب کڻي
ويو تہ ڪيڏانهن ويو، مون کان ڇو خفا ٿي پيو

پوءِ منهنجي خون جگر جوئي رنگ ڇونہ هجي
گلن جي حسن سان گلشن تہ خوشنما ٿي پيو

اچا بہ هوندا ڪي مجروح جهڙا جوڳيئڙا
ائين بہ ڪونهي تہ هر ماڻهو بي وفا ٿي پيو

ڪراچي. ۱۹۸۴ع

زندگي پيار جي بهار گهري
بيقراريءَ ۾ تي قرار گهري

دل زماني جي لذتن کي ڇڏي
تنهنجو غم تنهنجو انتظار گهري

پيار توسان اُهو ڪري جيڪو
زندگي پنهنجي سوگوار گهري

ڪيڏي مجبور آهي منهنجي دل
تي حياتيءَ جو اعتبار گهري

ڪراچي. ١٩٨٢ع

بيتاب جذهن تنهنجي تمنا تيو پئي
هيءَ زندگيءَ تہ سوز سراپا تيو پئي

نغما چڙنِ بهار اچي، مينهڙا وسن
هڪ پل ۾ تنهنجي ايندي ئي چا چا تيو پئي

ڪرڻن جي چاهہ درد جي احساس ۾ رچي
هر ذرو پنهنجي جاءِ تي صحرا تيو پئي

موجن سان هم سفر تئي، طوفان سان ڪُڏي
قطرو انهيءَ اُميد تي دريا تيو پئي

آهين جي بيوفا تہ پوءِ عهدِ وفا نہ ڪر
اهڙي طرح تہ خون تمنا تيو پئي

جنهنکي سليقو ناهي تنهنجي غم سهڻ جو ڪو
سو خامَڪار عشق ۾ رسوا تيو پئي

مجروح جي غزل جي ہي تعريف چا ڪجي
هر لفظ چڻ تہ درد جو دريا تيو پئي

ڪراچي. ١٩٦٦ع

شايد هي تنهنجي حسن جي جلوه گري هئي
جيڏانهن نظر ڪئي تي ڏٺم روشني هئي

دنيا تہ بي خبر هئي، دنيا سان ڇا گلا
توکي بہ ڪا خبر نہ منهنجي حال جي هئي

تنها اُداس هلندو رهيس تنهنجي شهر ۾
همراهہ مون سان منهنجي فقط بي ڪسي هئي

شعرن جي روپ ۾ ڪڏهن ظاهر ٿيو پئي
سا آڳ جيڪا روح جي اندر دکي هئي

مجروح جيڪا گذري وئي ڪنهنجي چاهہ ۾
ڪيڏي نہ دلفريب اها زندگي هئي

ڪراچي. ۱۹۷۳ع

ڪهڙي منزل ڪنهن کي منزل جي خبر
زندگي بس رهگذر ئي رهگذر

آهي اونداهي قفس ۾ چيا تيو
ڏس تہ سوريءَ تي پئي مُرڪي سحر

ڪير تنهنجا سور سينگاريندو هيئن
اي زمانا اهلِ فن تي ناز ڪر

حيدرآباد. ١٩٦٠ع

دل جي شمع کي جلائي ڇڏبو
رات کي ڏينهن بڻائي ڇڏبو

قرب جي هڪ نئين قريني سان
تنهنجو انداز مَٽائي ڇڏبو

جي ڏکوئينديون دل جي جذبن کي
اهڙي ڳالهين کي ڀُلائي ڇڏبو

تون جي ايندين نہ راهہ ۾ تنهنجي
پنهنجي اکين کي وڇائي ڇڏبو

ڪو ٻڌي يا نہ ٻڌي محفل ۾
دل جي تارن کي وڄائي ڇڏبو

ڪراچي. ١٩٧٠ع

# پراڻو رنگ

# غزلَ

اڏائين روز تـو تون منهنجي ميڪشي جي خبر
جنابِ شيخ اٿـم تنهنجي دوستي جي خبر

ٻڌايان غم جي ڪهاڻي وري وري ڪهڙي
مون نامراد محبت جي زندگي ڪهڙي

ڪريو بس لُڙڪ ئي هڪڙو جلي ويو دامن
الاهي آڳ هيءَ پاڻيءَ ۾ آهه لڳي ڪهڙي

اُجهائي وڃ تون ڏيو پڻ هوا سان دامن جي
مون بدنصيب جي تربت تي روشني ڪهڙي

تيس مان پاڻ ئي پنهنجي سڪون جو د من
اچا چئين تو نباهي مون دوستي ڪهڙي

هو ناز جنهنجي وفا تي سو بيوفا نڪتو
عجيب آهي زماني جي دلبري ڪهڙي

شبِ فراق چيا مجروح غم جي پوري تي
نظر اچي تي ستارن ۾ برهمي ڪهڙي

ڪراچي. ١٩٥١

اُڏائين روز تـو تون منهنجي ميڪشي جي خبر
جناب شيخ اتـم تنهنجي دوستي جي خبر

ڪري ڪنارو تـو هر آسرو وجي مون کان
اچي ڪو مون کان پڇـي منهنجي بي وسي جي خبر

غرورِ حسن ۾ جو پاڻ کي خدا سمجهي
رکي سو ڪهڙي طرح ڪنهنجي زندگي جي خبر

سچڻ جي حُسن نظر جو هي معجزو تـہ ڏسو
چمن چمن کي ملي رنگ ۽ دلڪشي جي خبر

گذاري عمر جنهن مجروح بيقراري ۾
تنهن نامراد کي ڇا لطف زندگي جي خبر

ڪراچي. ١٩٥٢

منهنجا گل منهنجي صبا، منهنجو چمن
ياد آئي اڄ وري بزمِ وطن

مون کان دوريءَ جو اٿن شايد ملال
چاڪ پيا ڏسجن گلن جا پيرهن

دل ڏنم، دنيا ڏنم، رسوا ٿيس
قرب ۾ ڪهڙا ويهي ليکا ڪجن

ڪير سهندو عشق ۾ هي تهمتون
مون کي ساريندا غزالانِ وطن

حيدرآباد- ١٩٦٠ع

ڪڏهن نغمو ڪڏهن فرياد آهيان
زماني کي سدائين ياد آهيان

تمنا بس ڪيم هڪ وار تنهنجي
خدا شاهد اَجا برباد آهيان

نہ تيندا چو سوين غم اڄ سلامي
مان شهرِ درد جو شهزاد آهيان

ڪڏهن جو غم جي وحشت ۾ ڪلان تو
هُو سمجهي تو سدائين شاد آهيان

متاع درد آهي دل جي دولت
اوهانجي فيض سان آباد آهيان

نہ لرزن چو ستارن جا ڪليجا
دلِ مجروح جو فرياد آهيان

حيدرآباد. ١٩٦٠ع

وفا جي واٽ وٺي پاڻ کي متائي ڏنو
زمانا توکي گهٽو ئي مون آزمائي ڏنو

نہ رحم آيو خداوندا تنهنجي دنيا کي
هتن سان پاڻ ئي مون پنهنجو گهر جلائي ڏنو

ڏکن جي اهڙي جيئڻ کان مري وڃان تہ چڱو
مون فيض تو مان تہ اي زندگي پرائي ڏنو

حيدرآباد. ١٩٥٨ع

روبرو حسن لاجواب اچي
جاڳندي پر ڪتان ٿو خواب اچي

موت مُرڪي ۽ زندگي روئي
اهڙي دنيا تي شل عذاب اچي

ڏينهن تي رات چو ٿئي حاوي
تنهنجي چهري تي چو نقاب اچي

تنهنجو مجروح غم سهي ڪيڏا
ڪو تہ دنيا ۾ انقلاب اچي

ڪراچي. ١٩٦٤ع

راحتن رحمتن سلام ڪيو
تنهنجي غم کي سُکن سلام ڪيو

جڏهن ديوانا دار تي پهتا
عشق جي عظمتن سلام ڪيو

تو اچا مس اکيون متيون مون کان
ڪيترن حادثن سلام ڪيو

دوستن جا ڳٽيم جڏهن تورا
مُرڪندي دشمنن سلام ڪيو

ڪيترن مرحلن مان پار پيس
ڪيترن مرحلن سلام ڪيو

کي نيون! راهون ڳولهيو يارو
شوق جي وسعتن سلام ڪيو

هي روايت پريو غزل منهنجو
ڪيترين جدتن سلام ڪيو

ڪراچي. ١٩٦٦ع

هر دل ۾ رکو پيار هجي پوءِ ڇا ڪپي
دنيا سدا بهار هجي پوءِ ڇا ڪپي

ڪجھ اُن جي بيوفائي تي ڪجھ پنهنجي حال تي
مون کي ڪو اختيار هجي پوءِ ڇا ڪپي

آهي اِهوئي اصل ۾ انعام عشق جو
دل روز بيقرار هجي پوءِ ڇا ڪپي

جيڪر پرائي آڳ ۾ خود ڪيئن ٽپي پوي
پروانو هوشيار هجي پوءِ ڇا ڪپي

ڪو منهنجي بيڪسيءَ تي کِلي ٿو ته پيو کلي
دنيا وفا شعار هجي پوءِ ڇا ڪپي

مجروح شاعريءَ جو ٻه ويندو رهيو مزو
ماحول سازگار هجي پوءِ ڇا ڪپي

ڪراچي. ١٩٥١ع

پري آهي اجا ڪجهہ منزلِ ديوانگي مون کان
گهري چا تي هينئر کان ئي خرد جي بيوسي مون کان
نوازش آهي قسمت جي، ڪرم آهي زماني جو
پري آهي سڪونِ دل، خفا آهي خوشي مون کان
انهيءَ ۾ آبرو منهنجي، انهيءَ ۾ برتري تنهنجي
نہ کس اي بنده پرور هي غرورِ بندگي مون کان

ڪراچي. ١٩٥٣ع

تنهنجي قسمت جو ڇا جواب هجي
زندگي جنهن تي هڪ عذاب هجي

آهي اوندهه ته غم ڪجي ڪهڙو
داغِ دل رشڪ ماهتاب هجي

بخش اي جذبِ غم خدا ڪارڻ
زندگي منهنجي ڇو خراب هجي

ڪراچي. ١٩٥٣

تنهنجي نظر جو دل کي سهارو نٿو ملي
طوفان آهي زور ڪنارو نٿو ملي

تي روز حسرتن جي ٻري دل ۾ آڳ پر
اوندهہ ۾ آس جو ڪو شرارو نٿو ملي

بيزار مون ڪان آهي منهنجي زندگي سدا
پر ڇا ڪريان جو زهر اُڌارو نٿو ملي

نڪري وڃان ها درد جي دنيا کي ڇڏي مان
تنهنجي نظر جو پرڪو اشارو نٿو ملي

ڪراچي. ١٩٥٢

دل کان پڇي تو دور ستم روزگار جو
احسان مون تي ٿي ويو پروردگار جو

آهي خزان تہ ڇا ٿيو مايوس آهين ڇو
اَءُ تو کي مان ٻڌايان ڪو نغمو بهار جو

آهن انهن ۾ پنهنجي جوانيءَ جون مستيون
هي محفلون نہ دوستو هرگز وسارجو

اڄ منهنجي بيڪسي کان تو هرڪو سبق وٺي
مون تي ڪرم آ ڪيڏو منهنجي غمگسار جو

ڪراچي. ۱۹۵۴ع

فرقت جو داغ ڏيئي دل خاڪ ۾ ملائي
هو بيوفا ستمگر دامن ويو ڇڏائي

تنهنجي هر هڪ جفا کي پنهنجو نصيب ڄاڻم
پل مون جيان نه جڳ ۾ ڪو دوستي نڀائي

احسان آهي منهنجو هر گل ۽ هر ڪليءَ تي
ڪئي روشني چمن ۾ مون آشيان جلائي

بي اختيار اکين مان ڳوڙها ڳڙيو پون ٿا
ڪو تنهنجي غم کي آخر ڪهڙي طرح لڪائي

هي شور ڪهڙو آهي منزل کان دور مجروح
ڇا ڪنهن غريب کي ويو ڪو راهبر رُلائي

ڪراچي. ١٩٥٢ع

جنونِ عشق ۾ ديوانہ وار چا نہ ڪيم
خدا گواهہ تہ ڪا آهہ نارسا نہ ڪيم

سو ڪهڙو درد وڏي جنهنجي مرحبا نہ ڪيم
سو ڪهڙو داغ جو دل تي ستم دعا نہ ڪيم

گهٽوئي شاعرِ شيرين مقال آهيان مگر
اي منهنجا منٹڙا غزل تنهنجو حق ادا نہ ڪيم

ستم زماني جا مجروح غم ڪتن ئي نتا
اجايو دل کي محبت ۾ مبتلا نہ ڪيم

ڪراچي. ١٩٦٢ع

هي ڪهڙي زندگي آهي نہ جنهن ۾ ڪو قرار آهي
نہ توتي اختيار آهي، نہ دل تي اختيار آهي

اسان جي ئي متائڻ لاءِ هي سڀ سازشون آهن
اسان جي واسطي ئي گردشِ ليل‌ونهار آهي

هليو هل جستجو ۾ يار جي دنيا کان بيگانو
محبت ڪامياب آهي اگر ديوانہ وار آهي

عجب هي ڪشمڪش آهي جهانِ حسن و اُلفت ۾
ڪڏهن مان بيقرار آهيان ڪڏهن هو بيقرار آهي

حياتِ نو جي خاطر سر بڪف آهي جڏهن انسان
زماني کي پوءِ اي مجروح ڪنهنجو انتظار آهي

ڪراچي. ١٩٥٢ع

نظامِ شام و سحر آهي بيقرار اجا
حيات آهي اسان بيڪسن تي بار اجا

ڪِلان ٿو پاڻ ئي مان پنهنجي بي ثباتيءَ تي
هي مڪڙين جو تبسم تہ درڪنار اجا

نہ رهندو ڪوبہ جفائن ۾ دم زماني جي
رهيو جي غم ڪي اسان غمزدن سان پيار اجا

ڪمالِ عشق چوان ان ڪي يا مالِ وفا
جفا شعار نظر آهي شرمسار اجا

اسان جي عزم جي آڏو جهڪي ٿو پيو فلڪ
اسان ڪي آهي زماني تي اختيار اجا

ڪراچي. ١٩٥٤

سدائين سانگ خوشيءَ جا سجائي ڪير سگهي
غمِ حيات کان دامن بچائي ڪير سگهي

جي تنهنجو پيار منهنجي حال سان هجي شامل
تہ منهنجي شوق جي هستي مٽائي ڪير سگهي

چمن جو حسن ويو، گل ويا بهار وئي
ستم هي دورِ خزان جا ٻڌائي ڪير سگهي

جي خوشگوار سدائين هجي چمن جي فضا
تہ پنهنجي گهر کي هٿن سان جلائي ڪير سگهي

گهٽا اُپاءَ ڪيا هونئن تہ منهنجي لڙڪن پر
جگر جي آڳ کي آخر اُجهائي ڪير سگهي

ڪراچي، ١٩٥١ع

ذري ذري کي زمين جي آسمان ڏيندو ڏڪر
سجدي سجدي تي نئون هڪ امتحان ڏيندو ڏکر

ڪا گهڙي فرصت اگر مون کي غمِ دنيا ڏني
تنهنجي غم کي باعثِ آرامِ جان ڏيندو ڏکر

ڇا انهيءَ ڪان وڌ ڪا ڏيندي بي ڪسيءَ جي انتها
هُن بتِ نا مهربان کي مهربان ڏيندو ڏکر

نور چانڊوڪيءَ جو وڌيو، گل ٽڙيا غنچا ڪڙيا
تنهنجي نظرن سان نظارن کي جوان ڏيندو ڏکر

ڪراچي. ١٩٥١ع

تنهنجي اکين ۾ سچڻ ايڏي ندامت ڇو هجي
منهنجي ذِتزيل حال کي توسان شڪايت ڇو هجي

دل جي خودداريءَ جي دشمن آهي دنيا پر اي دوست
نذر دنيا تي وڃي سا منهنجي غيرت ڇو هجي

هن ڏکن جي زندگيءَ کي بدلڻو پوندو ضرور
ماڻهو ويچارو سدا برباد قسمت ڇو هجي

غير پرور دوست جي هن جلوه گاهِ ناز ۾
تنهنجي اي مجروح پيارا ڪا ضرورت ڇو هجي

ڪراچي. ١٩٥٢ع

غير ممڪن جو تنئي درد جو اظهار ڪتي
حسن بي مهر سهي، عشق دل آزار ڪتي

دير ۾ ڪعبي ۾ بتخاني ۾ ويراني ۾
توکي ڳولهيندا وتن تنهنجا طلبگار ڪتي

رشڪِ گلزار سهي، دشمن اِيمان ئي سهي
تنهنجي رفتار مگر وقت جي رفتار ڪتي

دل ۾ اُميد جي تنوير بہ ناهي جنهنجي
تنهن جي راتين کي ستارن سان سروڪار ڪتي

هاڻ مجروح روئڻ جو بہ مزو ويندو رهيو
لڙڪ تڙپن تا مگر دامنِ دلدار ڪتي

حيدرآباد- ١٩٦٠ع

حسن جي ڪهڙي خطا جو مفت ۾ بدنام ٿيو
عشق خود مجبور هو رسوا ٿيو ناڪام ٿيو

الله الله تنهنجي چشمِ مست جي جادوگري
هڪ نظر جنهن ڏي نهارين بندهِ بي دام ٿيو

زندگي، تنهنجي ڪرم جو آئينو بڻجي وئي
هر جفا دل کي گوارا هر ستم انعام ٿيو

ڪيئن سڏيان اُن کي ستمگر ڪيئن چوان بيداد گر
جنهن جو هر غم هڪ نئين اُميد جو پيغام ٿيو

ڪجھ ملي ويو مرتبو دارو رسن کي دوستو
ڪجھ ملي تسڪين مون کي ڪجھ اوهانجو نام ٿيو

چا ڪيو مجروح تنهنجي غم ۾ تڙپڻ کان سواءِ
پوءِ ڀ هُو رسوا ٿيو ۽ پوءِ ڀ هُو بدنام ٿيو.

ڪراچي. ١٩٧٢ع

پيار آهي تہ زندگي آهي
حسن آهي تہ روشني آهي

جن جي ڳالهين ۾ پيار جي خوشبو
پنهنجي اهڙن سان دوستي آهي

منهنجي جهوليءَ ۾ توتان گهورڻ لئہ
ڪجهہ نہ آهي تہ زندگي آهي

لحظي لحظي لڇان جدائي ۾
رات سورن جي سوڪڙي آهي

اڄ تہ جهونگار آهي جذبن جي
ننڊ مجروح جي ڦڏي آهي

ڪراچي. ١٩٨٣ع

حسن کي زندگي ڏئي تا سگهون
تون جي مرڪي ڏسين مري تا سگهون

تنهنجي غم حوصلو ڏنو دل کي
هاڻي هر غم کِلي سهي تا سگهون

ڪو نئون رخ ڏئي وفائن کي
تنهنجا اميدوار ٿي تا سگهون

تون جي چاهين تہ تنهنجو نانءُ وٺي
جهنگ جر ۾ بهار ٿي تا سگهون

زنده آهيون ۽ زنده رهنداسون
تنهنجو غم ڏاري ڪيئن مري تا سگهون

ڪير روڪيندو دل جي جذبن کي
هر ستم کي ستم چئي تا سگهون

ڪراچي. ١٩٦٦ع

قفس آهي يا سامهون دار آهي
حقيقت ڪيڏي دل آزار آهي

پلي رُسوا ڪريو، ماريو، مٽايو
اسان کي پيار جو اقرار آهي

اوهان هن راز کي سمجهو نہ سمجهو
محبت ساهہ جو سينگار آهي

هجي همت تہ سر ٽڪرايو ان سان
حقيقت لوهہ جي ديوار آهي

پلا ڪنهن ڪنهن کان دامن کي بچايون
چمن پنهنجو سڄو پُر خار آهي

اڃا ڪجهہ حال اورينداسون يارو
اڃا ڪجهہ قوتِ گفتار آهي

ستم گر تو سڏي جنهنکي زمانو
سو اي مجروح پنهنجو يار آهي

حيدرآباد. ١٩٦٠ع

اڄ تہ سوريءَ تي ڇهڇٽو ٿيندو
دردمندن جو فيصلو ٿيندو

فصلِ گل تنهنجا گل اکين تي پر
نيٺ رخصت هي قافلو ٿيندو

پيا دلاسن تي دل کي پرچائيون
ڪير پنهنجو هتي ٿيو ٿيندو

مون کان پنهنجن بہ اڄ ڪيو پاسو
تنهنجو اي مفلسي ڀلو ٿيندو

ٿي پڇي مون کان منهنجي تنهائي
ڪير غربت ۾ آسرو ٿيندو

جيڪو مجروح کي سڏي غافل
اهڙو ديوانو ڪو هيو ٿيندو

حيدرآباد. ١٩٦٠ع

هُو پيار جي اقرار کان بيزار سدائين
مان عرضِ تمنا جو گنهگار سدائين

هو شوخ ستمگار جفاڪار سدائين
دل آهي مگر اُن جي طلبگار سدائين

رسوا ڪجي آخر دلِ خوددار ڪي ڪيڏو
پتڪان چو بڻي پيار جو پينار سدائين

چو درد جي پيڙا کان تي بيزار ٿئي دل
دنيا ۾ ته رهندو اِهو آزار سدائين

ديوانا وسائيندا ڪو ويرانو ڏکن جو
سرسبز هجي حسن جو گلزار سدائين

دنيا ۾ سدا درد ته ڪنهن لاءِ به ڪينهن
مجروح چو سُورن جو سزا وار سدائين

حيدرآباد. ١٩٦٢ع

فصلِ گل جا ڪيترائي قافلا گذري ويا
دل ۾ يادن جا چڏي نشتر پري نڪري ويا

ائين اچن اُتما تا تنهنجي پيار جا هن دل اندر
جيئن پکيئڙا شام آيا، صبح جو اُڏري ويا

تو ڪرم ڪهڙا ڪيا، دنيا ڪيا ڪهڙا ستم
ڳالهيون رهجي ويون ۽ ڏينهن سي گذري ويا

جيڪي گذريا تنهنجي زلفن جي معطر ڇانو ۾
ڦهر آهي مون ڪان سي لحظا بہ اچ وسري ويا

حيدرآباد. ١٩٦٠ع

چڏي ڪيئن سگهون ٿا پرينءَ جي پچر
اسان تي تہ آهي اجايو ڏمر

اي صياد جلاد بيدادگر
بهاريءَ ۾ ڪنهن کي نہ برباد ڪر

اسان بي نيازِ زمانہ سهي
اوهانکي تہ پنهنجي بہ ناهي خبر

ستارا ائين ناز مان ٿا ٿلن
انهيءَ رات جي جڻ تہ ناهي سحر

يلا ڪيستائين هي محروميون
اسان تي بہ سائين ڪرم جي نظر

زمينِ غزل آهي منهنجو وطن
جتي غير ممڪن هئي جو گذر

حيدرآباد، ١٩٦٠ع

# نظمَ

سمنڊ جي سورُن جي ڪنهن کي ڪهڙي ڄاڻ
رات گذاري ماٺ مٺيءَ ۾، آڌيءَ ڪري رهاڻ
گهائل آهي پاڻ، ويچارو وجود ۾

# مثنوي مختصر

ڀري ساقيا ڏي ڪو جامِ صفا
تہ وسري وڃن درد جا حادثا

هتي آهي ماڻهوءَ کان ماڻهو خفا
ڪٿي آهي دنيا ۾ خوفِ خدا

ڀري سرڪ سڀ سور ڀلجي وڃان
پري پنهنجي دنيا کان نڪري وڃان

سدائين نئون درد جو حادثو
هي دنيا تہ سورن جو گهر آهي ڪو

وفا دوست يارن مان نڪري وئي
اکين سان حقيقت هي ڏسجي پئي

هتي قرب وارن جو ڪونهي قيام
هتي هرڪو مطلب جو آهي غلام

غلامن تي ڪهڙو ڪجي ڀروسو
غلامن سان غيرت جو ڇا واسطو

سياست رڳو آهي فتنہ گري
غريبن کي لوٽڻ جي جادوگري

فقط خواب آهي سهاڻو سُکن جو
هرهڪ شخص آهي نشانو ڏکن جو

# سمنڊ جي صدا

سمنڊ جي سورن جي ڪنهن کي کھڙي ڄاڻ
ڏينهن گذاري ماڻ منٺيءَ ۾ آڏيءَ ڪري رهاڻ
گھائل آهي پاڻ، ويچارو وجود ۾

جيئن گهرو آهي پاڻ تيئن گهرا سندس گهاءُ،
ناهي ڪو نياءُ، ڪنهن سان ڪري ڳالهڙي

پڇيو مون سمنڊ کان. اتيئي ڇا ملال
نہ مستي تنهنجي موجن ۾، نہ ڇولين ۾ ڪو ڇال
ڇيائين تہ حال پڇ نہ مون کان پريت جو

ڪڏهن منهنجي ڪنارن تي، ها آديسي آباد
اڄ بہ آهن ياد، مون کي سي ماروئڙا

ڪڏهن منهنجي ڪنارن تي ها قربائتا قدم
ساديون جن جون ڳالهيون اُڏما ها اُتم
جيسين آهي دم، تيسين تنوار تن جي

جتي من جي موجن سان هئا لهرين لڪ لباس
آهي اڄ اُداس سا جوُ جهانگيئڙن جي

چانديءَ جهڙا پير انهن جا، چيرن جي چمڪار
مينديءَ رتڙن هٿڙن ۾ هئي مڪڙين جي مهڪار
دور نہ منهنجي دل کان آهن، توڙي آهن ڏار
ڪري قرب قرار، سور ڏئي ويا سوڪڙي

وڙهندي ويا ويرن سان آديسي اپار
اڄ بہ منهنجي من کي ساڳي پريت پچار
مو نکي تن جي سار، جي ساٿي منهنجي سک جا

جيسين آهي حياتي، تيسين آهي آس
ماروئڙن جي من ۾ سدا رهندي پياس
ڪڏهن تہ ايندي راس، صدا هن سمونڊ جي.

# واپار

سوچيان ٿو واپار ئي ڪريان
هي دور بہ آهي واپارين جو
پر مون وٽ اهڙي جنس تہ ڪانهي
جنهن جي ڪا بازار هجي
پوءِ ڪيئن ٿئي واپار اهو
ماڻهو تہ گهرن ٿا رانديڪا
سونا روپا رانديڪا
رنگ رنگيلا رانديڪا
سندر سهڻا رانديڪا
ڪلندا ڪڏندا رانديڪا
پوءِ ڪيئن ٿئي واپار اهو
سوچيان ٿو ڪي خواب ئي وڪڻان
پنهنجا سهڻا منڙا خواب
سندر روشن سرها خواب
ڪوجهين ڪارين راتين وارا
منهنجا خواب خريدي ويندا
پر خوابن جي بازار ڪٿي
منهنجا خواب تہ منهنجا آهن
جن ۾ منهنجا اڌما آهن
جن ۾ منهنجي چاهت آهي

هي ساتي منهنجي غم جا آهن
ڪنهن هئي جي کهڙي ڪم جا آهن
پوءِ ڪيئن تئي واپار اهو
سوچيان تو تہ لفظ ئي وڪڻان
لفظ جي پاڪ پوتر آهن
انسانن لئہ رحمت آهن
نادارن لئہ دولت آهن
روشن تي ايمان تين تا
نازل تي قرآن تين تا
لفظ تہ بيت پيتائيءَ جا
لفظ تہ گيت سچائي جا
ڪيئن لفظن جو واپار ڪريان
ڪيئن بيت پيتائي جا هي وڪڻان
بهتر آ واپار ڇڏي
لفظن جو پرچار ڪريان
لفظن سان ئي پيار ڪريان
لفظ جي پاڪ پوتر آهن
لفظ جي علم جي عظمت آهن
انسانن لئہ رحمت آهن
روشن تي ايمان تين تا
نازل تي قرآن تين تا

# پوءِ تون مون کي ياد ڪندين

آءٌ نہ هوندس جڏهن او پيارا،
پوءِ تون مون کي ياد ڪندين
هي ڪمرو جنهن ۾ اڄ رهون ٿا
مستقبل جا خواب ڏسون ٿا
ڪڏهن کلون ٿا، ڪڏهن رئون ٿا
ڪڏهن وڙهون ٿا ۽ پرچون ٿا
انهيءَ جي ديوارن ۽ درن مان
ٽيپ تي وڄندڙ ڪن نغمن مان
منهنجي جڏهن خوشبو ايندي
پوءِ تون مون کي ياد ڪندين.....
پر آءٌ نہ هوندس تڏهن او پيارا
مون تو لئہ جيڪي گيت لکيا
۽ چاهہ ۾ جيڪي غزل چيا
ڪنهن طرح اُهي ڇپجي نہ سگهيا
افسوس تہ ان تي ٽيندءِ پر
هن مايا موهہ جي وستيءَ ۾
ڪو ميت نہ ڪنهجو آهي مٺا
۽ ڪنهن تي ميار بہ ڇا هي مٺا
هي ڪم بہ تہ سولو ناهي مٺا

پر خير اِهي ڇپجي نہ سگهيا
تو لاءِ هئا، تو وٽ ئي رهيا
هي شعر جي تنهنجي ڪم ۾ اچن
جي هڪ اڌ ويلو ٽاري سگهن
تہ ڪنهن ڪان ڪٽي وڪٽي ڇڏجان
پر مون کي ياد ضرور ڪجان
جڏهن اُتر جي هوا هلي
جڏهن ڪامڻ ۾ لوچ اُٿي
۾ گيت منهنجو ريڊيو تان ٻڌي
ڪجھ سوچي، ڪجھ روئي مُرڪي
۾ دل ئي دل ۾ چريو چئي
پوءِ تون مون کي ياد ڪندين
آءٌ نہ هوندس تڏهن او پيارا

# هڪ منشيات جي عادي هيروئني بابت

راهه ويندي هٿ ۾ صدا ڪنهنجي
بابا محتاج بي اجهو آهيان
ڏاڍو بيمار آهيان، سالَ ٿيا .
هي ته آواز ڪو سڃاتل هو
غور سان ڪيس مون چتائي ڏٺو
هي ته حمزو هو، منهنجو پنهنجو هو
جيڪي ڏاڍو شريف ماڻهو هو
هو ته مزدور پر خفن کان دور
خوش مزاجي سان سڀ سان ملندو هو
ٿهڪ ڏئي پيو سدائين کلندو هو
اڄ ته جڻ قبر جو ڪو مُردو هو
مر ۾ اٿيل سندس سڄو چهرو
ڪپڙا قاتل غليظ ۽ ڪارا
نهن وڌيل اگهاڙي پيرن جا
زخم ئي زخم ها لڱل جن تي
ڪي ته ناسور جيئن پئي ٿميا
هو به ناسور هو حياتيءَ جو

مون سچاتو وري ٻه پڪ ڪيم
ڇا تون حمزو آن پٽ نورڙ جو
هوتہ ڏاڍو شريف ماڻهو هو
ڪيئن لڇايو تو اُن جي نالي کي
ڪيئن تو پنهنجا خراب حال ڪيا
هن مون ڏي ڪٽي نگاهہ ڏنو
۽ پوءِ هن ڪنجهندي ڇيو مون کي
ڇا ٻڌايان ادا، تہ ڪيئن ڦاٿس
هن خرابي ۾ هن تباهي ۾
زال ۽ ٻار سڀ ويا مون کان
دوست دلدار سڀ ڇٽا مون کان
هن نشي آهي مون کي ڪاري ڇڏيو
مون کي پنهنجن ٻہ اڄ ڌڪاري ڇڏيو
آءٌ زندن ۾ ۽ نہ مُردن ۾
زهر اُتري ويو آ ڳُردن ۾
۽ پوءِ سوچي لڳي ٿي پڇائين
ڇا ان جو ٻہ ڪو علاج آهي
ڇا انهيءَ زهر کان بچي سگهندس
پنهنجي ٻچڙن سان آءٌ ملي سگهندس
تندرستي جي سهڻي دنيا ۾
ڇا وري ڪو قدم رکي سگهندس

آءُ حيران ڇا جواب ڏيان
شام جي اونده ڇائنبي پي وئي
۽ مون سوچيو
صبح پري ڪونهي
راهه اوکي تہ آهي ڏاڍي پر
زندگي موت کان حسين آهي
چاهه جي روشني هري پيئي
آس کان زندگي پري ڪونهي

# شهرِ غم

هن شهر جي روشن راهن تي
جيڏانهن بہ ڪٿي منهن وجهو ھو
ڪو سونهن سنيهو ايندو هو
ڪو دلبر چهرو ڏسبو هو
ڪو گيت جو مکڙو ٽهندو هو
ڪو شعر غزل جو لکبو هو
هن شهر جي روشن راهن تي
ڪجهہ نغمن جي چانڊاڻ هئي
ڪجهہ جذبن جي سرهاڻ هئي

هن شهر جي جهرمر راهن تان
ڪا سندر نار متيندي هئي
تہ سونهن سان گڏجي ڪا سرهاڻ
روح ۾ اُتري ويندي هئي
پوءِ ڏسندي ڏسندي قهر ٿيو
حرص ۽ هوس جي باهہ دکي
جت سانت هئي سهڪار هئو
اُت گولين جا وسڪارا ٿيا
گيت جا مکڙا شعر غزل جا
هن باهہ ۾ ٻرندي خاڪ ٿيا

چاهت وارا پيارا چهرا
زنده جلندي خاڪ ٿيا
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ اڄ ٿا ڏسجن
ناچ نرالا وحشت جا
هر ماڻهو عداوت ۾ انڌو
ويا ديپ اُجهامي اُلفت جا

هي شهر جو ڪڏهن پنهنجو هو
اُت بربادين جو راڄ آهي
هر ماڻهوءَ جو من آهي اُداس
هر ذهن ڏکن جو ڪاڄ آهي

# آس

من نگريءَ ۾ آس اڪيلي
ڏيئڙو ٻاري ويٺي آهي
جيئن ڪنهن جُڳ جهوني مندر ۾،
پيار پڄارڻ
من جي وياڪلتا ٽارڻ لئه
عود دکائي، اکيون ٻوٽي
شيش جهڪائي وهندي آدي
تيئن من نگريءَ ۾ آس اڪيلي
ڏيئڙو ٻاري ويٺي آهي

جيئن ڪا پوري سندر ناري
وار سنواري، روپ رچائي
من ئي من ڪي سپنا سجائي
پنهنجي سڄڻ جي، پنهنجي پريڻ جي
ويٺي واٽ تڪيندي آهي
تيئن من نگريءَ ۾ آس اڪيلي
ڏيئڙو ٻاري ويٺي آهي

ڪڏهن ڪڏهن تہ ويرانن ۾
ڏايا پربت پنڌ ڪري ٿي
ڪڏهن ڪڏهن تہ مايوسين جي
اونداهين سان جنگ ڪري ٿي
ڪڏهن ڪلي ٿي، ڪڏهن نچي ٿي
ڪڏهن سجڻ جا پار پڇي ٿي
ڪڏهن گلن جي خوشبو ٻڌجي
من جي گهرائين ۾ لهي ٿي
طرح طرح جا ڏک سهي ٿي، زندهہ رهي ٿي
من نگريءَ ۾ آس اڪيلي ڏيئڙو ٻاري
اونده ٽاري
ويٺي آهي
شايد انهيءَ آس جو نالو
تنهنجي منهنجي حياتي آهي

# سوچ

شاعر آهيان تنهن کري تـو سوچيان
زندگي کي کهڙو نذرانو ڏيان
چو نہ پنهنجي شاعريءَ کان ڪم وٺان
چو نہ تنهنجي سونهن کي رتبو ڏيان

تنهنجي اکين مان جهٽي امرت ڦڙا
هن تتل ڌرتيءَ جو سينو ٺاريان
رنگ تنهنجي لعل لبڙن کان وٺي
زندگيءَ جي حسن کي سينگاريان

تنهنجي رخسارن جي آٽي روشني
مفلسي جي ظلمتن کي ٽاريان
ياس جي جهوٽن وسائي جي چڏيا
مرڪ سان تنهنجي ڏيا سي ٻاريان

توکان تنهنجي سونهن جي تحفو وٺي
غمزده چهرن تي رونق آڻيان
تنهنجي الفت ۽ خلوص دل کٽي
پنهنجي دنيا جا رنل پرچائيان

شاعر آهيان تنهنکري تـو سوچيان
زندگي کي کهڙو نذرانو ڏيان
چو نہ پنهنجي شاعري کان ڪم وٺان
چو نہ تنهنجي سونهن کي رتبو ڏيان

# منهنجي اکين جا ڦڙا

سون جيئن ڄرڪن پيا
موتين جيان ٻهڪن پيا
جذبن جيان ٿهڪن پيا
هي منهنجي اکين جا ڦڙا
سي جن کي ڳوڙها تا چون

شل روز هيئن وهندا رهن
شل روز هيئن وسندا رهن
جيئن سانوڻيءَ جا مينهن وسن
جرجر وهن ٿه ٿه ٿمن
وهندا رهن وسندا رهن

شل هجن روشن اهي
زندگيءَ جي نور سان
يا جذبۂ پرپور سان
وهندا رهن وسندا رهن
جيئن سانوڻيءَ جا مينهن وسن

ها اهي لڙڪن ڦڙا
منهنجي متاع بي بها
مون کي ٻيو گهرجي ڇا

تون ھيو ڏينديں ٻہ چپا
بس اھي روشن ھجن
بس اھي وھندا رھن
وسندا رھن

جيئن ساوڻيءَ جا مينھن وسن
جر جر وھن ٿھ ٿھ ٿمن
ھي منھنجي اکين جا ڦڙا
سپ جن کي ڳوڙا ٿا چون

# بهار

توکي انهي بهار جي تہ آرزو هئي
جنهن ۾ گلن جي رنگ سان ڳاڙهو هجي چمن
جنهن ۾ صبا جي ساز تي شعلن جو رقص تئي
جنهن ۾ جگر جي خون سان پيمانا پُر ٿين

شايد انهي بهار جوئي اهتمام هو
دارو رسن سي حسن جا جلوا لهي پيا
ڪاري قفس ۾ نور جا مشعل ٻري پيا
زنجير مان حيات جا نغما ڦٽي پيا

# قلندر

ماڻهن ميڙ يا مالَ قلندر
پنهنجا هينئڙو حالَ قلندر

محرومين جا صدما سهندي
گذرن ماهہ و سالَ قلندر

ڦهري دنيا قرب جي دشمن
ڪنهن سان اوريان حالَ قلندر

دانا سڏجن پيا ديوانا
جڳ جي اُلٽي چال قلندر

قلب تہ آهن ساڳيا ليڪن
قرب جو آهي ڪال قلندر

دور تہ پنهنجو ايندو ليڪن
ڳجهہ ۾ آهي ڳالهہ قلندر

# ڏُوري

مون سان مُرڪي نظر ملائين تو
داغ دل جا وري دکائين تو
ڇو ستايل کي هيئن ستائين تو
مان پري ئي ڇڱو پري ئي رهان

غم کان بيزار تي خوشي ڳولهيم
تنهنجي قدمن ۾ زندگي ڳولهيم
پاڻ ئي پنهنجي بيڪسي ڳولهيم
مان پري ئي ڇڱو پري ئي رهان

مون کي دنيا جا غم گهٽا آهن
سور ڪافي ستم گهٽا آهن
يعني تنهنجا ڪرم گهٽا آهن
مان پري ئي ڇڱو پري ئي رهان

زندگي مون کان ڇو خفا آهي
تون ئي چئو منهنجي ڇا خطا آهي
ڪهڙي ڏوهن جي هيءَ سزا آهي
مان پري ئي ڇڱو پري ئي رهان

# شام

شام آهستہ آهستہ
چنڊ تارن ڏانهن وک وڌائي ٿي
تنهنجي وارن جي دلربا سرهاڻ
تنهنجي گيتن جي خوشنما چانڊاڻ
منهنجي احساس کي جياري ٿي
منهنجي روح جي اُداسيءَ ۾
پيار جي جوت جهمڪائي ٿي
شام يادن جا گيت ڳائي ٿي
ڪيئي سپنا جي مون وساري ڇڏيا
دل جي ڌرتيءَ تان جن ٻوهاري ڇڏيا
اڄ وري ياد ٿا اچن مون کي
تنهنجي وارن جي دلربا سُرهاڻ
تنهنجي گيتن جي خوشنما چانڊاڻ
منهنجي احساس کي جياري ٿي
شام يادن جا گيت ڳائي ٿي

# هيءَ ڌرتي

جا ڌرتي منهنجي پنهنجي آ، اُن ڌرتيءَ جا ٿو گيت لکان
جنهن مٽيءَ مون کي مان ڏنو، اُن مٽيءَ کي محبوب چوان

هن موج ڀرئي مهراڻ ۾ منهنجو من مستانو ڇلڪي ٿو
هن پريت نگر جي پيار سان منهنجو سارو جيون جرڪي ٿو
اڄ سڪ جي سمورن جذبن سان ٿو نيهن نئون نروار ڪريان
جا ڌرتي منهنجي ڌرتي آ........

جت ذرن جا چمڪار ڏسي تا مڪڙا مرڪن تارن جا
جت جهانگين جا جنسار ڏسي تا سپنا سونهن پيارن جا
ان سندرتا جي ساگر تي مان بادل بڻجي خوب وسان
جا ڌرتي منهنجي ڌرتي آ.......

هي منڙي سهڻي سڪ نگري شل ڏيهه ۾ ڏک کان ڏور هجي
هر سانگيئڙو خوشحال هجي، هر ماروئڙو مسرور هجي
هوُ سڪ جا سهڻا ٻول چون، مان ٻولن تان ٻلهار وڃان
جا ڌرتي منهنجي ڌرتي آ......

# همتِ مردان

جي عزم وعمل جي راهه وٺن
جي منزل منزل اڳتي وڃن
جي محنت ۾ عظمت سمجهن
جي مايوسين کي ڪفر چون
هي ديس انهن دل وارن جو
منهنجي مانجهي مٽيادارن جو
جي مُرڪي طوفانن سان ڪڙن
لهرن ۾ لڏن پر ڪين هڏن
طوفان ڪٽي ڪيڏا ٻه هجن
هر مشڪل مان تا پار پون
ڪو عزم ڏسي هاڪارن جو
هي ديس انهن دلوارن جو
هي سهٽا سريلا سانگيئڙا
هي جانب جوڌا جهانگيئڙا
هي راهِ وفا جا پانڌيئڙا
منهنجي ساهه جا آهن ساٿيئڙا
ڪيئن جذبو سات سنگهارن جو
هي ديس انهن دل وارن جو

هي سهڻا رنگ رچائيندا
هي بگڙيل ڀاڳ بڻائيندا
هي اُجڙيل ڪيت وسائيندا
هي چاهه جو چنگ وڄائيندا
آءُ دوست انهن دلدارن جو
هي ديس انهن دلوارن جو

ڪو دور ڏکيو آيو ٻه ته چا
پئي جرڪي عزم جي جوت سدا
جڻ بربادين جا زخم چِتا
پر همتِ مردان مدد خدا
پيغام اهو فنڪارن جو
هي ديس انهن دل وارن جو

# شاهه جي حضور

بيت تنهنجا روشني ئي روشني
زندگيءَ جو نور تنهنجي شاعري
تو دلين کي پيار جي دولت ڏني
تنهنجي لفظن ۾ سدائين زندگي

علم کي بخشيون تو ڪيئي صورتون
بند بيتن ۾ ڪيون تو آيتون
معرفت جا تو ڏنا موتي اُهي
جن سان روشن زندگيءَ جون ساعتون

جيڪي لفظن جا ڏيا تو ٻاريا
اڄ ٻه تن ڪان ٿا پرايون روشني
اڄ ٻه تن ۾ عشق جون سڀ مستيون
اڄ ٻه تن ۾ حسن جي هر دلبري

سرفروشيءَ جو سبق توڪان مليو
تون سچائيءَ جي سفر جو رهنما
تو ڏسيو سوريءَ کي ڪيئن سينگارجي
تو ڏنا قربانين جا حوصلا

ڪهڙا جوڳي ڪهڙا ڻوڳي ٿا ٿين
وهه ڪنورا ڪير ٿا مُرڪي پين
تو اُهي ٻهروپيا ظاهر ڪيا
جي ڳرهه لئه غير جا گولا ٿين

# نذرِ شاهہ

تنهنجي سخن ۾ آهي سچائي، سهڻا شاهه يـٽـائي
هن جهڙي ہي سونهن نہ ڪائي، سهڻا شاهہ يـٽـائي

کهڙا پيا هي منظر ڏسجن، داتا تنهنجي ڌرتيءَ تي
ماڻهوءَ کي ويو ماڻهو کائِي سهڻا شاهہ يـٽـائي

ڪوڙي ترهن تي ترندي، ڪو پهچي ڪيئن منزل تي سگهي
سهڻيءَ کي چـو سمجهہ نہ آئي، سهڻا شاهه يـٽـائي

مانڊو آهي من مارئي جو سانگين سانت وڃائي
لٽـجي ويئي قرب ڪمائي، سهڻا شاهہ يـٽـائي

تنهنجي بيتن سان ٿـو جاڳي، روح ۾ رنگ نرالو
تو هر من ۾ جوت جلائي، سهڻا شاهہ يـٽـائي

اڄ تہ گلن جيئن ڳاڙها آهن، تازا زخم اسانجا
تنهنجي پڙهڻ جي مند اهائي، سهڻا شاهہ يـٽـائي

تون مرد تـي ميدان آ، جي سر وڃي بيشڪ وڃي
تـي عشق ۾ صادق صفا، جي سر وڃي بيشڪ وڃي

مون کي صبا نياپو ڏنو، رک سراڏيءَ تي تون اچي
تـي چمڪي تيغ دِلربا، جي سر وڃي بيشڪ وڃي

ايئن عشق ۾ پروانو تـي، سر ساهہ کان بيگانو تـي
چئو خوش تـي غم کي مرحبا، جي سر وڃي بيشڪ وڃي

تـيو عاشقن جو هـي سخن، منهنجي تہ هن دل تي رقم
ڪو دم نہ هٽ تـي باوفا، جي سر وڃي بيشڪ وڃي

بس حرف ئي هـڪڙو ٻڌم، پوءِ سر متـي ڪيڏي ويس
هي پڻ گهريم دل سان دعا، جي سر وڃي بيشڪ وڃي

هر دل اندر دلبر رهي، هر جاءِ تي جانب وسي
ٻڌ راز هي تون برملا، جي سر وڃي بيشڪ وڃي

(ترجمہ: قلندر لال شهباز تخلص راجا)

لک مجيم شڪرانا جڏهن روبرو دلدار ٿيو
ناز پرور ماه رو محبوب جو ديدار ٿيو

هن جهانن کان بہ وڌ ديدار جنهن دلبر سندو
اڄ انهيءَ جو وصل ماڻيم بخت ايئن بيدار ٿيو

تخت هستيءَ تي سُتل هو ننڊ ۾ منهنجو سڄڻ
جيئن هڏائين نانءُ منهنجو خواب مان بيدار ٿيو

اُن گهٽيءَ ۾ جيترا پيرا ويس اُن کي ڏسڻ
چا هڏايان پاڄھ اُن جي هر دفعي ديدار ٿيو

لم يزالي پريت جو پيالو ڏنو دلبر پري
پوءِ تہ ديوانو ڪڏهن بيخود ڪڏهن هوشيار ٿيو

پنهنجي جلوي سان جڏهن دل کي نوازيو دلربا
اُن تجلي بعد ظاهر عشق جو اسرار ٿيو

راز ڏاڍو گهرو هو پر هي ڪرم ان جو ڏسو
خودبخود هي راز مخفي مون اڳيان اظهار ٿيو

مطربو جلدي ڪريو ڪو نغمو ڇيڙيو شوق جو
بخت راجا جو کليو مهمان اڄ دلدار ٿيو

(ترجمہ: قلندر لال شهباز تخلص راجا)

پرائي طوق اُلفت جو گهٽو مسرور ٿيو آهيان
پري پي خمر ۾ ساغر مئي سندا مخمور ٿيو آهيان

هي منهنجو ئي جلال آ پرتوِ خورشيد مان ظاهر
گهري تو روشني پڻ چنڊ، ايئن پُرنور ٿيو آهيان

ڪيو بيهوش جنهن موسيٰ کي سا منهنجي تجلي هئي
ڏسو هي ڪارنامو ڪيئن جلالِ طور ٿيو آهيان

ٻڇو چوٽا پرائڻ تا گهرو جي راز رندن جو
شهنشاهہ هوندي اُن محفل ۾ ڪيئن مذڪور ٿيو آهيان

قلندر شَهباز آهيان ٽڪاڻا ڪئين ٿيا منهنجا
سدا هر جاءِ تي هر رنگ ۾ مسرور ٿيو آهيان

(ترجمہ: قلندر لال شهباز تخلص راجا)

# منهنجي وطن ۾

شل روز هجي اهڙي فضا منهنجي وطن ۾
هر گل مان اچي بوءِ وفا منهنجي وطن ۾

حيرت سان ڏسي سونهن، صبا شوخ هٿن جي
خوشبوءِ ۾ رچي رنگِ حنا منهنجي وطن ۾

چانڊوڪي جي چمڪي تہ ڇُرن چنگ خوشيءَ جا
نغمن کي ملي حسنِ صدا منهنجي وطن ۾

هر دل تي ٿئي روز هتي پيار جي پالوٽ
انداز محبت جا جدا منهنجي وطن ۾

ذرتي کي ڏنو ريج تـي جن خونِ جگر جو
اهڙا بہ کي سرويچ هئا، منهنجي وطن ۾

دلين ۾ نئين جوت، نئون جوش نئون شوق
چهرن تي نئون عزم وفا منهنجي وطن ۾

کن قول جي کنهن سان تہ ڏئي سر بہ نباهن
صدين کان هلي ريت اِها منهنجي وَطن ۾

ديوانا او ديوانا
رسمِ جفا کان بيگانا

نغما گونجن تنهنجا قفس ۾
دار تي تنهنجا افسانا

رهندا سي گلزار سدائين
تو جي وسايا ويرانا

توکان پوءِ بہ دنيا اندر
رهندا تنهنجا افسانا

آخر دنيا وارا ڏيندا
تو کي ڳوڙهن جا نذرانا

حيدرآباد. ١٩٦٢ع

كافيون

سمہ جام کر کا بُريءَ سان پلائي
مهاڻيءَ جي نسبت نہ توساڻ ڪائي
سمہ جام کر کا بريءَ سان پلائي

حياتي گذاريم ڪٽي ڪِکَ جي ڪاري
نہ اوقات پنهنجي ڪڏهن مون وساري
ڇڏي نياز نٽرت ڪريان ڪيئن وڏائي
سمہ جام کر کا بريءَ سان پلائي

اهي محل ماڙيون ڪنديون ڇا مهاڻيون
انهن راحتن تي تہ ريجهن تيون راڻيون
ڪنديءَ جن جا جهوپا آءٌ آهيان اُهائي
سمہ جام کر کا بريءَ سان پلائي

هجن شال آبادِ ڪينجهر ڪنارا
هي سدا سونهنَ سک جا نرمل نظارا
تئي شل نہ ڪڏهن انهن کان جدائي
سمہ جام کر کا بريءَ سان پلائي

اسان نير نيڻن مان پل پل وهايا
ويا مينهن موتي سڄڻ ڪونہ آيا
اسان نير نيڻن مان پل پل وهايا

ڏسي حال هيئڙو پرين ڪر نہ پاسو
دکي دل کي دلبر ڏئي وڃ دلاسو
جيان ڪيئن جي پنهنجا ٿين هيئن پراوا
اسان نير نيڻن مان پل پل وهايا

ٻٽي شمع هردم ٻرن ٿيون اُجهن ٿيون
اکيون آس ۾ تنهنجي ساجن سڪن ٿيون
اچين تون تہ منهنجا ٿين ڏک سجايا
اسان نير نيڻن مان پل پل وهايا

آس اُجهامي ويئي او ساجن آس اُجهامي ويئي
ويل ويامي ويئي او ساجن......
آس اُجهامي ويئي

جيءَ سان منهنجي جلندي جلندي
جوت وسامي ويئي. او ساجن......
آس اُجهامي ويئي

ساريندي ڪنهن سانول جا ڏک
ننڊ اُڏامي ويئي. او ساجن
آس اُجهامي ويئي
سون ۽ چانديءَ جي دنيا ۾
پريت وڪامي ويئي، او ساجن......
آس اُجهامي ويئي

ڪوُڙي ۾ مجروح ڏکن جي
رات بہ ڪامي ويئي- او ساجن......
آس اُجهامي ويئي

ڪاريھر جيئن ڏنگ ھٽي تـي مون ڪي ڪاري رات الا
ڪڏھن تہ ايندي ھن جيون ۾ پيار ڀري پرڀات الا

مون بہ ڏٺا ھا سک جا سپنا، مون بہ ڪيو ھو پيار ڪڏھن

اڄ بہ انھن جي ياد ستائي، اڄ بہ اُھائي تات الا
ڪاريھر جيئن.......

چاھي دنيا ويل وھائي، دشمن ٿـين حالات الا
جيءَ جا جذبا جيئرا رھندا مور نہ ٿيندا مات الا
ڪاريھر جيئن......

آيو آھي ديس اوھانجي، پيار جي ڊاري آس الا
مجروح جھڙي پانڌيئڙي ڪي سونھن ڏجي سوغات الا
ڪاريھر جيئن.....

نہ ٿيندي ڪڏهن تنهنجي غم کان جدائي
سڄڻ ڪيئن ڪريان مان اِها بيوفائي
نہ ٿيندي ڪڏهن.........

سدائين نوان درد دل کي ملن ٿا
اسان کي ڪڏهن زندگي راس آئي
نہ ٿيندي ڪڏهن.........

هئين تون تہ دنيا بہ منهنجي هئي
وئين تون تہ دشمن ٿي ساري خدائي
نہ ٿيندي ڪڏهن.........

نہ باقي رهيو ڪو زماني سان مطلب
دکيءَ دل کي جنهن دم تنهنجي ياد آئي
نہ ٿيندي ڪڏهن تنهنجي غم کان جدائي
سڄڻ ڪيئن ڪريان مان اها بي وفائي

سر سچڻ تان جنھن ھي گھوريو، بيشڪ ياڳن وارو سو

اندر اندر پاڻ جلائي، حال نہ ھئي سان اوريو
بيشڪ ياڳن وارو سو

ساعت ساعت جو سڳڙو جنھن، سڪ سچيءَ سان سوريو
بيشڪ ياڳن وارو سو

مجروح جنھن دنيا جي طلب کي، اُن جي خوشيءَ سان توريو
بيشڪ ياڳن وارو سو

ڪنهن ٽي جاتو ائين ٻـ ٽيندو، سانول منهڙو مٽيندو

ڪاري رات جي اونداهيءَ ۾ ظلم جي گهري تنهائي ۾
ساجن سڏ نـ ڏيندو. ڪنهن ٽي جاتو

جيءَ ۾ ڪنهنجي جس ئي ڪونهي، ويڙهيچن جو وس ئي ڪونهي
اهڙو وقت ٻـ ايندو. ڪنهن ٽي جاتو

منڍَ جي پويان منڍَ اچي ٽي، ڌرتي ڪيئي دور ڏسي ٽي
مجروح من مايوس نـ ٽيندو. ڪنهن ٽي جاتو
ڪنهن ٽي جاتو ائين ٻـ ٽيندو
سانول منهڙو مٽيندو........

مُند ٻہ موتي وئي- او هاڻ اچين نہ اچين
سڪ ۾ لڇندي، ٻرندي، اُجهندي مون تہ گذاري ڇڏي
هاڻ اچين نہ اچين

رات پئي جهوپن ۾ جهانگين جي تنهنجي ڳالهہ هلي.......
هاڻ اچين نہ اچين

آس جا هئي مجروح ڪي تنهنجي روح ۾ رهجي وئي........
هاڻ اچين نہ اچين

# گیت

اي منهنجا سڄڻ، منهنجا ساٿي
مايوس نہ ٿي، مايوس نہ ٿي
اي منهنجا.........

هي ڪاري ڪهري رات سڄڻ
هي سُورن جي سوغات سڄڻ
ڪو رنج نہ ڪر گذري ويندي
اي منهنجا.........

تون سک جي سدائين آس نہ ڪر
هي ڏکِ تہ حياتيءَ جو زيور
مغموم نہ ٿي، دلگير نہ ٿي
اي منهنجا.........

من من موج مچائي ويو
منهنجو رانول رنگ رچائي ويو

برهہ جي برپٽ ويرانن ۾
مايوسين جي غمخانن ۾
جهرمر جوت جلائي ويو
منهنجو رانول رنگ رچائي ويو

چانديءَ جهڙي چاندوڪيءَ ۾
روح جي گهري خاموشيءَ ۾
سِڪ جو ساز وڄائي ويو
منهنجو رانول رنگ رچائي ويو

ساٿي جنهن دم مرڪي ايندا
ڏنگ ڏکن جا وسريَ ويندا
آس جو ديپ جلائي ويو
منهنجو رانول رنگ رچائي ويو

پهتا تو در پانڌيئڙا
جنم جنم جا جوڳيئڙا

زهر کي جي امرت تا سمجهن
تنهنجي سڪ ۾ آيا ساجن
آس انهن جي تنهنجو درشن
سارين توکي سانگيئڙا
پهتاتو در پانڌيئڙا

جيءَ ۾ جياري تنهنجي جوتي
آيا پيار پتنگا پرچي
پاڻ پچائي ويندا موتي
پريم نگر جا ساٿيئڙا
پهتا تو در پانڌيئڙا

ڪنڌ ۾ مالا، والا ڪنن ۾
ماڻڪ موتي، هيرا هٿن ۾
پيار اکين ۾ مرڪ چپن تي
سونهن تنهنجا ساميئڙا
پهتا تو در پانڌيئڙا

سدا جوت جيءَ ۾ جلائي جيون تا
چمن چاهتن جا سجائي جيون تا

ڪڏهن آرزوئن جي محفل ۾ آهيون
ڪڏهن نا اُميديءَ جي مشڪل ۾ آهيون
پنهنجو حال جڳ کان لڪائي جيون تا
چمن چاهتن جا.....

اسين آهيون جيسن بهارون بہ آهن
اِهي قرب واريون تنوارون بہ آهن
سنيها سُکن جا سڻائي جيون تا
چمن چاهتن جا.....

لڪائي نہ سگهبي ڪڏهن هيءَ حقيقت
حياتيءَ جو سينگار آهي محبت
محبت کي من ۾ وسائي جيون تا
چمن چاهتن جا.....

آ ءُ کهڙي واٽ وٺان
زهر پيان، يا وِيڙ سهان
آءُ کهڙي واٽ وٺان

موتين جهڙا مِيت ها پنهنجا
جرڪايا جن گيت ها پنهنجا
حال ۾ کهڙي هوندا الائي
ڪنهن ڪان پارَ پڇان
آءُ کهڙي واٽ وٺان

من ماٺهوءَ جو نيهن نسورو
آهي تيو اڄ قرب ڪان ڪورو
پوءِ بہ هر موسم جي اچڻ تي
اُن جي آس رکان
آءُ کهڙي واٽ وٺان

هن جيون جي انديارن ۾
ويرانن ۾ طوفانن ۾
ديپ جلائي اُميدن جا
ڪنهنجي راھہ ڏسان
آءُ کهڙي واٽ وٺان

سانوڻ تورا ڏينهڙا
اڄ تہ وسن پيا مينهڙا
سانوڻ تورا ڏينهڙا...

بوند بوند ۾ باهہ برهہ جي
ڪنوڻ ستائي چمڪي چمڪي
رات گذاريان ترسي تڙپي
اڄ اي جانب جانيئڙا
سانوڻ تورا ڏينهڙا...

سانوڻ سهڻا رنگ رچايا
ڪارا بادل پرجي آيا
اڪڙين ڏاڍا مينهن وسايا
توکي ساري ساٿيئڙا
سانوڻ تورا ڏينهڙا...

سهڻيون سرتيون گيت رسيلا
پن پن خوشبو وڻ وڻ جهولا
جاڳن منهنجي جيءَ جا جذبا
آءُ پرديسي جوڳيئڙا
سانوڻ تورا ڏينهڙا...

سپنا ..... روز نوان
دل تي چاهي ڏسندو رهان
سپنا .... روز نوان

روز اچي ساجن سپنن ۾
روز ٽڙن رابيل رُجن ۾
سانوڻ جهڙا سانگ ڏسان
سپنا ..... روز نوان

روپ نگر جي پانڌيئڙن کي
سک جي ستايل سانگيئڙن کي
پيار جا گهرجن پنڌ نوان
سپنا ..... روز نوان

جن اکين ۾ ناهي نراشا
مُرڪن چلڪن مڌ جا پيالا
آءٌ انهن تان گهورَ ٿيان
سپنا ..... روز نوان

نيڻ نشيلا..... او نيڻ نشيلا
جيئڙو جڙي ويا- جادو ڪري ويا
نيڻ نشيلا...... او........ نيڻ نشيلا

سدائين سمنڊ جيئن بي انت گهرا
هڏا جي منجهن سي وري ڪونہ اُيريا
منجهن موهہ ميلا....... نيڻ نشيلا
او....... نيڻ نشيلا

ڪهڻ ۾ نہ ڪهل ڪنهن تي ڪيائون
جي مُرڪي ڏنائون تہ ماري ڇڏيائون
نوان روز حيلا...... نيڻ نشيلا
او....... نيڻ نشيلا

حيا ۾ هڏُل ڪجھ، پنل ڪجھ، رتل ڪجھ
۽ دل پنهنجي آهي مُتل ڪجھ، ڪُٺل ڪجھ
چريو هيئن ڪري ويا- نيڻ نشيلا
او...... نيڻ نشيلا

مينهن وٺا او مينهن وٺا
روح ۾ ڏايا رنگ رتا

هي قدرت جا سينگار ڏسي
وک وک باغ بهار ڏسي
دل تان ڏکن جا بار لٿا
مينهن وٺا او منهن وٺا

ساوڻ رُت ۾ ساجن آيا
مولا پنهنجا پال پلايا
درد وندي جا لڙڪ سُڪا
مينهن وٺا او مينهن وٺا

تنهنجي تمنا تنهنجي تنوار
ڪاٿ گهڙي مون وٽ ٻ گذار
تنهنجي تمنا تنهنجي تنوار

مون سان گڏ اي سانول پيارا
تنهنجي آس ۾ آهن تارا
ديپ اچي ڪو آس جو ٻار
تنهنجي تمنا تنهنجي تنوار

جيءَ ۾ جوت جلائڻ اچ تون
سُر سان سُر ملائڻ اچ تون
سُر جو ساگر آهي پيار
تنهنجي تمنا تنهنجي تنوار

آهي هوا ۾ پيار جي خوشبو
جڻ تنهنجي سينگار جي خوشبو
اچ تہ اچي ڪو دل کي قرار
تنهنجي تمنا تنهنجي تنوار
ڪا تہ گهڙي مون وٽ ٻ گذار

سانول ساجن پيارو
ساهہ جو آهي سهارو
سانول ساجن پيارو

چاندوڪيءَ مان اُتري آيو
خوشبوءَ وانگر اُڏري آيو
آيو جيءَ جيارو
سانول ساجن پيارو

منهنجي اڱڻ تي نيهن نظارا
چنڊ سان گڏجي ڳائن تارا
مست ٿيو جڳ سارو
سانول ساجن پيارو

قرب ونڊيندو، آٿت ڏيندو
جڳ ۾ اڪيلو ڪونہ ڇڏيندو
هو اهڙو محبت وارو
سانول ساجن پيارو

دل کي ناهي قرار- منهنجي دل کي ناهي قرار
سُور سچو سنسار- منهنجي دل کي ناهي قرار

پيار جو جڳ ۾ مان ئي ڪونهي
جڻ تہ هتي انسان ئي ڪونهي
هرڪو دنيادار- منهنجي دل کي ناهي قرار

روپ جا لوڀي پيار جا دشمن
ڪُوڙ ڪمائڻ شان تا سمجهن
ڪوڙو ڪن واپار- منهنجي دل کي ناهي قرار

ماڻهوءَ کي پيو ماڻهو کائي
آهي ڪٿي انصاف الائي
ڪير ٻڌي هي پڪار- منهنجي دل.......

اچ پيارل پرچي پيار ڪريون
ڪو قرب سندو اقرار ڪريون

نئون رنگ رچايون بهارن ۾
نئين جوت جلايون نظارن ۾
ڪو نيهن نئون نروارو ڪريون
اچ پيارل پرچي پيار ڪريون

جنهن ۾ تنهنجي سدائين ياد رهي
سو دل جو نگر آباد رهي
سڪ سوز سان ،سُر سينگار ڪريون
اچ پيارل پرچي پيار ڪريون

مکڙين کان ونئي سرهاڻ سچي
نغمن مان نچوڙي چاندوڪي
هر ويرانو گلزار ڪريون
اچ پيارل پرچي پيار ڪريون

آئي آئي آئي بهار
من من مکڙين جي مهڪار
آئـــي آئـــي آئـــي بـهـار

نيري گگن تي چمڪن تارا
نرمل نرمل نيهن نظارا
گهر گهر گيتن جي گونجار
آئـــي آئـــي آئـــي بـهـار

سک جو ساز وڄائڻ آئي
گيت رسيلا ڳائڻ آئي
تن تن اندر تند تنوار
آئـــي آئـــي آئـــي بـهـار

سندرتا جو ساز جواني
سُر ۾ هڏل آواز جواني
سُر جو سِرَ سان آهه پيار
آئـــي آئـــي آئـــي بـهـار
من من مکڙين جي مهڪار

آءُ ڪٽي سرهاڻ گلن جي
تون ئي تمنا گهائل من جي

اُڃ اُجهائي ويرانن جي
آس پڄائي ديوانن جي
وَسُ تہ ڪڏهن تون بادل بنجي
آءُ ڪٽي سرهاڻ گلن جي

سانوڻ رت جا آيا سنيها
وڻ وڻ ڳائن پيار پپيها
ساهہ سمائي سڪ ساجن جي
آءُ ڪٽي سرهاڻ گلن جي

ڪوبہ نہ ڄاڻي سانول ساٿي
ڪيسين آهي پنهنجي حياتي
پيار آ دولت هن جيون جي
آءُ ڪٽي سرهاڻ گلن جي

محبت کي سمجهون تا پنهنجي حياتي
زمانو اسان کي متائي نہ سگهندو

سهون مُرڪي مُرڪي جفائن جا صدما
لڪايون سدائين پيا داغ دل جا
انهي راهہ تان ڪو هٽائي نہ سگهندو
زمانو اسان کي متائي نہ سگهندو

اِهو دردمندن کان غافل زمانو
سدائين وفائن جو قاتل زمانو
اسان کان بہ خود کي لڪائي نہ سگهندو
زمانو اسان کي متائي نہ سگهندو

وسايوسين دل ۾ سدا دلبرن کي
سجايوسين سڪ سان سندن محفلن کي
اسان جيئن ڪو دل کي جلائي نہ سگهندو
زمانو اسان کی متائي نہ سگهندو

دلڙي ايڏا درد نہ ڏار
ڀور پراڏا وسار
دلڙي ايڏا درد نہ ڏار

ڪنهن کي صبح شام پڪارين
ڪنهنجون راهون روز نهارين
ڪنهنجي لاءِ ڳوڙا ڳارين
ڪنهنکي تنهنجي سار- دلڙي...

ڏک سک آهن ساهہ جا ساٿي
ڳوڙا ڇا جا ڳٽتي ڇاجي
آهي اهائي واٽ وفا جي
مُرڪي مرڪي گذار- دلڙي.......

قرب ۾ هي مجروحِ ڪمايو
سُور ۽ صدما سکَ سرمايو
روز نئون الزام پرايو
روز نئون آزار- دلڙي....

گل ٻہ ٽڙندا آھن
جذھن ساٿي ملندا آھن
سندرتا جي ساز تي، مٺڙا نغما وڄندا آھن
گل ٻہ ٽڙندا آھن.....

عشق جي پياسي آبادين تي
روپ نگر جي رھواسين تي
سانوڻ وسندا آھن
گل ٻہ ٽڙندا آھن.....

گيتن جا اڻ مول نگينا
تنھنجا منھنجا قرب قرينا
تارا ڏسندا آھن
گل ٻہ ٽڙندا آھن.....

من ۾ سڄڻ جي سونھن سمائي
پيار سان جيون کي جرڪائي
عاشق جيئندا آھن
گل ٻہ ٽڙندا آھن.....

جوت جلي او جوت جلي
تو مُرڪيو جيون جوت جلي
جوت جلي او جوت جلي.....

هر انگ ۾ حسن حياتيءَ جو
هر رنگ ۾ روپ جوانيءَ جو
نور جي نرمل ٻاڪ ڦٽي
جوت جلي او جوت جلي.....

ڪو آيو من جي نگريءَ ۾
سڪ جي وياڪل وستيءَ ۾
ساهه کي جڻ سُرهاڻ ملي
جوت جلي او جوت جلي.....

پريت جي ريت نڀائڻ خاطر
ساجن کي سرچائڻ خاطر
جوڳي ڳائي ڳلي ڳلي
جوت جلي او جوت جلي.....

رڻ ۾ آهي رات او ساٿي
اڄ تہ اچي پريات او ساٿي
اڄ تہ اچي پريات

منڙو وياڪل، اکيون اُجايل
توکي ساري ساهہ سڪايل
سور ٿيا سوغات، او ساٿي
اڄ تہ اچي پريات

هاءِ ٿيس چو اهڙي پوري
پاڻ ئي لاتم جيءَ کي جهوري
ڪانہ سجهي ہي بات، او ساٿي
اڄ تہ اچي پريات

راڳ ۾ آڳ سمائي من جي
توکي پڪاريان پاڳل بنجي
جڏهن وسي برسات، او ساٿي
اڄ تہ اچي پريات

اي ساجن سهڻا سانورا
اڄ منهنجي اڱڻ تون بانورا

اڄ بگڙيل ڀاڳ بڻائڻ اچ
اڄ پريت جو گيت ٻڌائڻ اچ
اي ساجن سهڻا سانورا....

هي نور جون نرمل ساعتون
هي روح ۾ رچندڙ راحتون
ٻڻجي وڃن نه قيامتون
اي ساجن سهڻا سانورا....

جيئن ڪنول تي موتي ماڪ جا
تيئن نازڪ ناتا نيهن جا
نڀاهي وياسي امر ٿيا
اي ساجن سهڻا سانورا....

ھڏ درد پريون دانھون، اي منھنجا جيءَ جيارا
ٿڪجي پيون نگاھون، ايندين ڪڏھن تون پيارا

دنيا جي ڪنھن خوشيءَ تي ڪو اختيار ڪونھي
ھن بيقرار دل کي ھڪ پل قرار ڪونھي
جڻ منھنجي زندگيءَ ۾ سک جي بھار ڪونھي
ويران ٿيا نظارا، ايندين ڪڏھن تون پيارا
ھڏ درد پريون دانھون.......

دنيا ڏکن جو دريا، ھر موج آھي دشمن
ھن پار آءٌ تنھا، ھُن پار منھنجو ساجن
طوفان راھون روڪي دل جو اُجاڙي گلشن
بيوس ٿيا سھارا، ايندين ڪڏھن تون پيارا
ھڏ درد پريون دانھون.......

چريون اڙيون اڙيون توسان
ڪو اڪين کي سمجهائي........

سهڻا سپنا منڙيون راتيون
وسري وييون برهہ جون باتيون
چمڪي چمڪي چير تي ڳائي
ڪو اڪين کي سمجهائي
چريون اڙيون.......

پل پل آهن پيار پچارون
روح ۾ رانول تنهنجو راهون
انگ انگ پيو گيت ہڏائي
ڪو اڪين کي سمجهائي
چريون اڙيون.......

جوڳيئڙن سان جيءُ اڙائي
ڪير سدائين سور پرائي
نيهن تہ نيڻين ننڊ ڦٽائي
ڪو اڪين کي سمجهائي
چريون اڙيون.......

منٺڙا گيت ھڏايان توکي، منٺڙا گيت ھڏايان
تنھنجو من پر پائيان، توکي منٺڙا گيت ھڏايان

راڳ ۾ روپ جو رنگ رچائي
سک جو ساز وڄائيان، منٺڙا گيت ھڏايان
توکي منٺڙا گيت ھڏايان

جيون آھي سُر جو ساگر
سُورَ ٻہ سُر ۾ ڳائيان، منٺڙا گيت ھڏايان.
توکي منٺڙا گيت ھڏايان

تنھنجي راھہ تي دل جي چاھہ تي
سھٹا گل وڇائيان، منٺڙا گيت ھڏايان
توکي منٺڙا گيت ھڏايان

هن جيون جي انڌيارن ۾، جوت جلائڻ آيو هو
گيت ٻڌائڻ آيو هو

ساز ۾ اُن جي سونهن جو جادو
دل کي ڪري ويو قرب سان قابو
سر ساگر مان موتي آڻي، من پرچائڻ آيو هو
گيت ٻڌائڻ آيو هو

سڪ ۾ سندرتا جي آتو
ڪائي هجي رُت هُو مڌُ ماتو
هر من جي پيڙا کي پروڙي. پيار لٽائڻ آيو هو
گيت ٻڌائڻ آيو هو

شاعر هو يا راڳي هو
مجروح ته بس ويراڳي هو
پيار جي ٻولي، سهڻي سلوڻي، سڀ کي ٻڌائڻ آيو هو
گيت ٻڌائڻ آيو هو

ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳايان تو
مان سک جو ساز وڄايان تو

پيار جو منڙو گيت لکي
توکي من جو ميت لکي
چاهه جو چنگ وڄايان تو
ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳايان تو

منڙو سُر، منڙو سنگيت
ٻول ٻول ۾ تنهنجي پريت
پريت سان پريت وڌايان تو
ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳايان تو

هن دل ۾ تنهنجي آس ڪٽي
اکين ۾ تنهنجي پياس ڪٽي
هر من جي اُڃَ اُجهايان تو
ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳايان تو

گذري ڏکن ۾ پنهنجي حياتي
من جي پيڙا ڪنهن به نه ڄاتي
او دور نگر جا ساٿي

هيءَ جيون جي ريت پراڻي
ڪو به نه سمجهي پريت ڪهاڻي
اوکي آهي راهه وفا جي
او دور نگر جا ساٿي

سڪ جو ساوڻ بادل ڪارا
پرجي پرجي ڪن وسڪارا
دل کي جلائي باهه برها جي
او دور نگر جا ساٿي

جڳ سان ناهي ڪائي شڪايت
درد پرائڻ پيار جي قسمت
هار ۾ آهي جيت وفا جي
او دور نگر جا ساٿي

پنهنجي رب کي سار اي بندا
پنهنجي رب کي سار

دنيا ڏينهن ٻه چار اي بندا
پنهنجي رب کي سار

ڪوڙي قرب جا ڪوڙا ناتا
ڪھڙا سنگ ۽ ڪھڙا سياپا
ياءُ ڪان ياءُ ڏار ـــــــ او بندا
پنهنجي رب کي سار

آخر هي جڳ ڇڏڻو پوندو
خاڪ سان خاڪ تي ملڻو پوندو
غفلت ۾ نہ گذار ـــــــ اوبندا
پنهنجي رب کي سار

مطلب ماري دنيا ساري
حرص و هوس جي آهي پچاري
ڪوڙو ڪاروبار ـــــــ او بندا
پنهنجي رب کي سار

# سامونڊين جو گيت

لهر لهر ۾ آهي اشارو- قرب جو ناهي ڪنارو
سمجهي ڪو دل وارو

ڪينجهر جهومي ڪشتي جهومي، جهومي ٿو جڳ سارو
موج موج ۾ مستي آهي، آيو جام پيالارو
لهر لهر ۾ آهي اشارو

محبت پريا نيڻ اسانجا، دل جو نياز نرالو
سڄڻ انهيءَ جو ساٿي ٿيندو، جيڪو نئڙت وارو
لهر لهر ۾ آهي اشارو

اسين مهاڻا، عين هاڻا، تڙ تي جن جا ٽڪاڻا
سمي اسانجو مان وڏايو، شال هجي سوڀارو
لهر لهر ۾ آهي اشارو

فاني هي سنسار، او پيارا فاني هي سنسار
ڪھڙو ان سان پيار، او پيارا فاني هي سنسار

ڪوڙي جڳ جي ڪوڙي مايا
ڪوڙي سک جي ڪوڙي ڇايا
ڪوڙا قول قرار- او پيارا
فاني هي سنسار

جنھن دم موت جي آنڌي ايندي
جيون جوت وسامي ويندي
اونداهي انڌڪار- او پيارا
فاني هي سنسار

ڪليون مرڪن ماڪ تي روئي
جيون جا تي ڏڪڙا ڏوئي
روئي تند تنوار- او پيارا
فاني سي سنسار

اڄ اي منهنجا جيون ساٿي
توسان روشن منهنجي حياتي

تنهنجي خوشبو آهي گلن ۾
تنهنجي سوڀيا ساري چمن ۾
تنهنجو رنگ رچايم من ۾
اکين تنهنجي سونهن سجاتي
اڄ اي منهنجا جيون ساٿي

چنڊ کي توسان چاهت پيارا
تون جي مُرڪين مُرڪن تارا
روپ جا تنهنجي ڪيئي نظارا
پاءِ ڪا منهنجي جيءَ ۾ جهاتي
اڄ اي منهنجا جيون ساٿي

تون پيار ڪري پڇتائين تو
چو لِڪَ ۾ لڙڪ وهائين تو
تون پيار ڪري پڇتائين تو

پيار بنا چا پنهنجي حياتي
سونهن سوا هيو ڪهڙو ساٿي
سونهن جو ساٿ وڃائين تو
تون پيار ڪري پڇتائين تو

درد تہ آهن دل جي دولت
لڙڪ تہ آهن پيار جي قسمت
مورکَ توں گهبرائين تو
تون پيار ڪري پڇتائين تو

جيون جا اڻ ڪٿ اندیارا
گهيري ويندا توکي پيارا
ڪهڙا پور پچائين تو
تون پيار ڪري پڇتائين تو

سُکَ ته رُت ۾ شام جي ڇايا
چڻ ته اسان وٽ ڀُلجي آيا
من جو موهه وڌائين ٿو
تون پيار ڪري پڇتائين ٿو

دنيا جا سڀ درد وساري
ساجن ايندو نيٺ دواري
آس جو ديپ اُجھائين ٿو!
تون پيار ڪري پڇتائين ٿو

جهڙ مر جرڪن روپ جون راهون، چمڪن چنڊ ستارا
توکان سوا پر جيون آهي، رڻ ۾ چڻ ڪا رات او پيارا
جهڙ مر جرڪن روپ جون راهون

دل تي چاهي سونهن سان تنهنجي سپنا پنهنجا سجايان
ننڊ ئي نيڻن ناهي، پوءِ ڪيئن من جي آس پچايان
پيار جا رنگ نيارا
جهڙ مر جرڪن روپ جون راهون

نازڪ نرمل نيڻن وارا، سندر سهڻا ساهه جا ساٿي
تون ئي منهنجي پيار جي قسمت تون ئي منهنجي حياتي
جانب جيءَ جيارا
جهڙ مر جرڪن روپ جون راهون

گيت بهارون تنهنجا ڳائي، من ۾ آڳ لڳائن
اکيون تنهنجي ياد ۾ پيارا لڪيو لڙڪ وهائن
ساجن ساهه سهارا
جهڙ مر جرڪن روپ جون راهون

چم چم چم چم چمڪي چير
هيءَ اربيلي ڪير جنهنجا چانديءَ جهڙا پير
چم چم چم چم چمڪي چير

روپ تو من جو موهہ وڌائي،
انگ انگ پيو گيت هڏائي
نيهن اڙائي ڪير
چم چم چم چم چمڪي چير

مرڪي مرڪي من پرڀائي
سندرتا جا ديپ جلائي
ديپ وسائي ڪير
چم چم چم چم چمڪي چير

مست اکين مان چلڪي مستي
خوشبو خوشبو دل جي وستي
هوش ۾ آهي ڪير
چم چم چم چم چمڪي چير

سدا جوت جيءَ ۾ جلائي جيون تا
چمن چاهتن جا سجائي جيون تا

ڪڏهن آرزوئن جي محفل ۾ آهيون
ڪڏهن نامراديءَ جي مشڪل ۾ آهيون
پنهنجو حال جڳ کان لڪائي جيون تا
چمن چاهتن جا...

اسين آهيون جيسين بهارون بہ آهن
اهي قرب واريون تنوارون بہ آهن
سنيها سکن جا سڻائي جيون تا
چمن چاهتن جا...

لڪائي نہ سگهبي ڪڏهن هيءَ حقيقت
حياتيءَ جو سينگار آهي محبت
محبت کي من ۾ وسائي جيون تا
چمن چاهتن جا...

گلن جي حسن هر ڪايو
بهار آيو- بهار آيو

سنيها سونهن وارن جا
نياپا نيهن وارن جا
هڏي دل کي قرار آيو
بهار آيو- بهار آيو

پرِن پيا پونر غنچن تي
ميار آهي نـ مستن تي
زمانو سازگار آيو
بهار آيو- بهار آيو
هوائن هيج مان ڳايو
اُتو ساجن کي سر چايو
وري ڪو جام چلڪايو
بهار آيو- بهار آيو
جياريو پيار جا جذبا
هڏايو شوق جا نغما
دلين جي ساز تي ڳايو
بهار آيو- بهار آيو

قطعا

◉

گلَ کان شوخي ڪليءَ کان مُرڪ وٺي
هڪڙو منڙو غزل تيار ڪيم
تنهنجي مخمور اکڙين جو قسم
تنهنجو نعم‌البدل تيار ڪيم

◉

زندگيءَ جي گردش ۾ آهي گم
عشق جي سرمستين جو قافلو
هڪ قدم توکان رهُو پنٽي هئس
اڄ اُهو سالن جو آهي فاصلو

◉

داد غم جو تي ڪرين ڪنهن کان طلب
ڪنهن کي تنهنجي حال جي ڪهڙي خبر
سون جهڙا لڙڪ راهن تي رلُن
هوش ڪرا اي چشمِ تر ڪو هوش ڪر

◉

سور ساٽيهہ جا هزار آهن
داغ پڻ دل جا بي شمار آهن
تون خبر ناهي ڪنهن کي ڳولهين ٿو
هر قدم تي تہ بيقرار آهن

◉

مون وقت جون ڳالهيون توسان ڪيون
تو وقت وڃايو ڳالهين ۾
تو شعر غزل جو سمجهيو هو
مون حال ٻڌايو ڳالهين ۾

◉

اسان لئہ ڏکن ۽ سکن جا فريب
سدا جن کي پنهنجو مقدر چئون
پيا گردش ساڻ هلندا هلون
نہ منزل تي پهچون نہ پٽتي هٽون

◉

ڪو مُرڪي مليو جڻ ملي زندگي
ڪنهن اکيون مٽيون جڻ وياسين مري
چا آهي ٻين جي ئي وس دوستو
اسانجي تمنا اسانجي خوشي

◉

نہ ڪنهن کي ستايون نہ آزاريون
سدا پنهنجي سُورن کي سرچائيون
جي باني سڏائين ٿا بيداد جا
اسان جون انهن ساڻ ارڏائيون

◉

هيءَ جو تارن سان گفتگو آهي
تنهنجو غم تنهنجي جُستجو آهي
تون سڏين پنهنجو، ڪو سڏي نہ سڏي
بس اِها دل جي آرزو آهي

◉

هي منهنجا لڙڪ منهنجا غم نٿا ڪٽن نٿا کُٽن
وڏن پيا اچا ستم نٿا ڪٽن نٿا ڪٽن
هزار قافلا بہ گم، هزار منزلون بہ گم
هي زندگيءَ جا پيچ وخم نٿا ڪٽن نٿا ڪٽن

◉

هر طرف غلغلو بهارن جو
هر طرف ذوقِ جلوه آرائي
هاءِ سا شامِ زندگي جنهن ۾
عيد آئي تہ سوگوار آئي

◉

روز دل تي ستم نتا وسرن
دوستن جا ڪرم نتا وسرن
مون کان منزل جو غم تہ وسري ويو
راهہ جا پيچ وخم نتا وسرن

◉

جنهن کي تنهنجو پيار پڪاري
ساهہ کي پنهنجي سو ڪيئن ساري
مور نہ گهرجي اهڙي دنيا
موت کان اڳ جا مون کي ماري

◉

منهنجي لفظن کي حياتي بخشڻ
منهنجي جذبن کي جواني بخشڻ
تون ڪڏهن ايندين منهنجي دنيا ۾
منهنجي نغمن کي رواني بخشڻ

◉

ڪنهنجي حسرت ۾ مرون ڪنهنجي تمنا ۾ جيون
ڪو هجي عشق جو انعام ته رُسوا ٿيون
اهلِ دل ڪو ته هجي دادِ وفا جنهن ڪان وڃي
دار تي رقص ڪريون زهر جو پيمانو پيون

◉

ڪڏهن خوشيون سَوين ڪڏهن ماتم
دَور آهن هي زندگانيءَ جا
دل جي رڳ رڳ ۾ ياد آ، جن جي
هاءِ سي ڏينهڙا جواني جا

◉

ڪهڙي منزل جا اسين آهيون مسافر يارو
نه ڪو رهبر نه ڪو محرم نه ڪو سامانِ سفر
ڏور، ها ڏور اُميدن جو ٿو چمڪي تارو
پر متان هي به هجي، پنهنجو ئي ڪو داغ جگر

◉

هرڪو فرعون هتي پاڻ کي موسيٰ ٿو سڏي
هرڪو جلاد هٿي دم ٿو مسيحائي جو
هرڪو نمرود ٿيو وارثِ گلزارِ خليل
وقت پهتو اچي اي زندگي رسوائي جو

◉

هُئو غمخوار جو دل جو، اُهو دل کان جدا آهي
زماني سان گلا ڪهڙي، زمانو بيوفا آهي
مٺا ماڪيءَ کان ڏڪ جنهنجا، ڪجي اُن جي گلا ڪهڙي
سدا سرهو هجي ساجن، اهائي بس دعا آهي
ستم بي درد دنيا جا، وري مشڪل ملڻ ڏيندا
ملي وڃ بيقرارن سان، حياتي بي بقا آهي

◉

ڪجهه اهڙي طرح درد جي شدت ٿو گهٽائيان
صحرا ڪڏهن گلشن ڪڏهن ميخانا وسايان
تون پوءِ بہ نہ ايندين منهنجي غم خاني ۾ پيارا
تارا بہ ڪٽي راهہ ۾ جي تنهنجي وڇائيان
دنيا تہ منهنجي حال کان اڻ چاڻ سدائين
پر تون ٿو پڇين حال تہ ڇا حال ٻڌايان

◉

ذهن ۾ هڪڙي لفظ جي ايندي ڪيئي منظر جاڳن ٿا
ڪيئي چهرا ڪيئي سپنا اکين آڏو اُيرن ٿا
ياد اچن ٿيون ڪيئي ڳالهيون، ڪيئي قرب ڪهاڻيون
من جي وياڪل واديءَ ۾ ڪي گيت پراڻا گونجن ٿا

# ٽُٽل موتي

نہ آهي مطمئن گهر ۾ نہ صحرا ۾ نہ گلشن ۾
عجب مشڪل ۾ تي ڏسجي دل بي خانمان پنهنجي

◉

ڏينهن سي گذري ويا پنهنجي جوانيءَ جا جڏهن
زندگيءَ خاطر هئي زنده دليءَ جي آرزو

◉

جا هجي بيزار غمِ ڪان تنهنڪي دل چوندو بہ ڪير
دل اُها جنهن ۾ سدا موجود تنهنجو غم هجي

◉

ڪيئن رهي زنده سگهي ڪو اُن ديار مرگ ۾
زندگي جيِ لاش تي جت روز و شب ماَتم هجي

◉

تنهنجي هرهڪ ياد ڪي دل تان مٽائڻ تو گهري
هي زمانو مون ڪي شايد آزمائڻ تو گهري

◉

نہ ڪر تعبير قسمت سان زمانا منهنجي بربادي
اهي ناڪاميون آهن دلِ خوددار جي باعث

◉

فلڪ کي چنڊ تارن کي شريڪِ غم بڻائيندس
وري نغما زماني کي وفائن جا ٻڌائيندس

◉

بڻائي گهر کي ويرانو، لُٽائي زندگي پنهنجي
مان تنهنجي آزمائش جي تمنا آزمائيندس

◉

نشاني ڪا ته ڇڏ خونِ تمنا جي
هٿن ڪان ڪر نه تون رنگ حنا خارج

◉

جوت سچائيءَ جي هر دل ۾ جلي
ڪانئين دنيا نئون انسان هجي

◉


ويتر وڌي اي وعده شڪن تنهنجي آرزو
تارا ڏسي فلڪ تي غزلخوان تمام رات

◉

اچا به تيز تر اي بادِ نو بهار ته مان
هيءَ تنهنجي سونهن پنهنجي ساهه ۾ سمائي ڇڏيان

◉

ڪير مجروح ڪراچي وارو
گهر جنهن جو سمنڊ ڪناري آهي.



Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.